القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْنَ مَكِّيَّةٌ ۔۔۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۔۔۔ اٰيَاتُهَا ١١٨ رُكُوْعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ① الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ②

يقينن ڇٽي ويا ايمان وارا. جيڪي اهي پنهنجن نمازن ۾ عاجزي ڪندڙ آهن.

بيشڪ (اهي) مومن ڪامياب ٿيا. جيڪي پنهنجيءَ نماز ۾ عاجزي ڪندڙ آهن.

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ③ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ

۽ جيڪي اهي اجائي ڪم کان منهن موڙيندڙ آهن. ۽ جيڪي اهي زڪوات

۽ جيڪي اجائي ڳالهه کان منهن موڙيندڙ آهن. ۽ جي زڪوات ادا

فٰعِلُوْنَ ④ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ⑤ اِلَّا

ادا ڪندڙ آهن. ۽ جيڪي اهي پنهنجن اگهڙن جا راکا آهن. مگر

ڪندڙ آهن. ۽ جي پنهنجين اوگهڙن کي (زنا کان) بچائيندڙ آهن. رڳو پنهنجين

عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ⑥ فَمَنِ

پنهنجين زالن تي يا پنهنجي ٻانهين تي پوءِ اهي ناهن ڇينڀ ڪيل. پوءِ جيڪو

زالن يا پنهنجين ٻانهين (سان ڳنڍ ٿيندا آهن) پوءِ بيشڪ اهي ملامت ڪيل نه آهن. پوءِ جيڪي

ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ⑦ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ

طلبي انهي کان سواءِ ته اهي ئي لڄ کان لنگهندڙ آهن. ۽ جيڪي اهي پنهنجي ڌراوتن

انهن (پنهنجين زالن يا پنهنجين ٻانهين) کان سواءِ طلبيندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن. ۽ جيڪي پنهنجي

وقف لازم

وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ⑧ وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ⑨ اُولٰٓئِكَ

۽ اقرارن جا نگهبان آهن. ۽ جيڪي اهي پنهنجين نمازن کي سنڀاليندڙ آهن. اهي

امانتن جي ۽ پنهنجي انجام جي رعايت ڪندڙ آهن، ۽ جيڪي پنهنجين نمازن جي نگاهه رکندا آهن. اهي

هُمُ الْوٰرِثُوْنَ ⑩ الَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْفِرْدَوْسَ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ⑪

ئي ورثو وٺندڙ آهن. جيڪي وارث ٿيندا فردوس جا، اهي ئي ان ۾ هميشه رهندڙ هوندا.

ئي اهي وارث آهن. جيڪي (نيڪ) بهشت جا وارث ٿيندا، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ طِيْنٍ ⑫ ثُمَّ جَعَلْنٰهُ

۽ بيشڪ جوڙيوسون انسان کي جوهر مٽي جي کان؛ پوءِ رکيوسون ان کي

۽ بيشڪ ماڻهوءَ کي مٽيءَ جي سَت مان بڻايوسون. وري ان کي نطفو ڪري

نُطْفَةً فِیْ قَرَارٍ مَّكِیْنٍ ﴿١٣﴾ ثُمَّ خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً فَخَلَقْنَا الْعَلَقَةَ

قطرو ڪري مقرر جاءِ ۾. پوءِ بڻايوسون قطري کي رت جو ڏڳ پوءِ ڪيوسون ڏڳ کي

محڪم جاءِ ۾ رکيوسون. وري (ان) نطفي کي رت جو ڏڳ بڻايوسون وري (ان) رت جي ڏڳ کي ٻوٽي بڻايوسون

مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوْنَا الْعِظٰمَ لَحْمًا ق ثُمَّ

گوشت پوءِ بڻايوسون گوشت کي هڏا پوءِ پارايوسون هڏن کي گوشت، پوءِ

وري (ان) ٻوٽيءَ کي هڏا بڻاياسون پوءِ (انهن) هڏن کي گوشت پهرايوسون وري ان کي ٻي

اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ ط فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِیْنَ ط ﴿١٤﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ

ڏني سون انهن کي صورت آخري، وڏي برڪت وارو آهي الله سهڻو پيدا ڪندڙ سڀني کان. وري توهان

(نئين) بناوت بڻائي سون، پوءِ الله (وڏيءَ) برڪت وارو (سڀ کان) وڌيڪ سهڻو خلقيندڙ آهي. وري بيشڪ

بَعْدَ ذٰلِكَ لَمَیِّتُوْنَ ط ﴿١٥﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ تُبْعَثُوْنَ ﴿١٦﴾ وَلَقَدْ

ان کان پوءِ ضرور مرندؤ. پوءِ توهان قيامت ڏينهن اٿارياويندؤ. ۽ بيشڪ

اوهين ان کان پوءِ ضرور مرندؤ. وري بيشڪ اوهين قيامت جي ڏينهن اٿاربؤ. ۽ بيشڪ

خَلَقْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعَ طَرَآىِٕقَ صلے وَمَا كُنَّا عَنِ الْخَلْقِ غٰفِلِیْنَ ﴿١٧﴾

بڻاياسون توهان جي مٿان ست رستا، ۽ نه آهيون اسان خلق کان بي خبر.

اوهان جي مٿان ست آسمان بڻاياسون ۽ بڻائڻ کان بي خبر نه هئاسون.

وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَسْكَنّٰهُ فِی الْاَرْضِ صلے وَاِنَّا

۽ لاٿوسون آسمان کان پاڻي پورو پوءِ رهايوسون انکي ڌرتي ۾، ۽ اسين

۽ آسمان کان پاڻي اندازي سان وسايوسون، پوءِ ان کي زمين ۾ رهايوسون ۽ بيشڪ

عَلٰى ذَهَابٍۭ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ج ﴿١٨﴾ فَاَنْشَاْنَا لَكُمْ بِهٖ جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِیْلٍ

انکي گم ڪرڻ تي قادر آهيون. پوءِ پيدا ڪياسون توهان لاءِ انهي سان باغ ڪجين

اسين ان جي ورائي نيڻ تي وس وارا آهيون. پوءِ ان سان ڪجين ۽ انگورن جا باغ اوهان لاءِ

وَّاَعْنَابٍ ۘ لَكُمْ فِیْهَا فَوَاكِهُ كَثِیْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ لا ﴿١٩﴾ وَشَجَرَةً وقف لازم

۽ انگورن جا. توهان لاءِ انهن ۾ ميوا آهن گهڻيئي ۽ انهن مان کائيندا آهيو. ۽ انهي وڻ کي

ڄماياسون. اوهان لاءِ انهن (باغن) ۾ گهڻا ميوا آهن ۽ انهن مان (ڪجهه) اوهين کائيندا آهيو. ۽ اهو (زيتون جو) وڻ

تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَیْنَآءَ تَنْۢبُتُ بِالدُّهْنِ وَصِبْغٍ لِّلْاٰكِلِیْنَ ﴿٢٠﴾

جو نڪري ٿو طور سينا مان پيدا ڪري ٿو تيل کي ۽ ڀوڙ کائيندڙن لاءِ.

(پيدا ڪيوسون) جو طور سينا مان نڪرندو آهي (اهڙيءَ طرح) ڄمندو آهي، جو تيل ۽ کائڻ وارن لاءِ ڀوڙ پيدا ٿيندو آهي.

وَاِنَّ لَكُمْ فِي الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ط نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهَا وَلَكُمْ

۽ بيشڪ توهان لاءِ چوپاين ۾ عبرت آهي، پياريون ٿا توهان کي ان مان جا پيٽن جي اندر آهن ۽ توهان لاءِ

۽ بيشڪ اوهان لاءِ ڍورن ۾ (به) عبرت آهي. (جو) جيڪي سندن پيٽن (يعني اوهن) ۾ آهي تنهن مان اوهان کي (کير)

فِيْهَا مَنَافِعُ كَثِيْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٢١﴾ وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ

انهن ۾ فائدا آهن گهڻا ۽ انهن مان کائو ٿا. ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي

پياريندا آهيون ۽ اوهان لاءِ منجهن (ٻيا به) گهڻا فائدا آهن ۽ منجهانئن (ڪجهه) کائيندا (به) آهيو. ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي

تُحْمَلُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا

کنيا وڃو ٿا. ۽ اسان موڪليوسون نوح کي سندس قوم ڏانهن پوءِ چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو

اوهان کي سوار ڪبو آهي. ۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون. پوءِ چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت

اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ط اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِيْنَ

الله جي ناهي توهان لاءِ ڪوئي خدا انهي کان سواءِ، ڇا پوءِ نه ٿا ڊڄو. پوءِ چيو سردارن جن

ڪريو. ان کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي، پوءِ ڇو نه ڊڄندا آهيو؟ پوءِ سندس قوم مان جيڪي (سردار) ڪافر هئا، تن چيو

كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا هٰذَا اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ لا يُرِيْدُ اَنْ يَّتَفَضَّلَ

ڪفر ڪيو سندس قوم مان ناهي هيءُ مگر ماڻهو توهان جهڙو گهري ٿو ته وڏائي ڪري

ته. هي رڳو اوهان جهڙو ماڻهو آهي. اوهان تي سرداري (حاصل) ڪرڻ گهرندو آهي. ۽ جيڪڏهن

عَلَيْكُمْ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً ۚ صلے مَّا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا

توهان تي، ۽ جيڪڏهن چاهي ها الله ته لاهي ها ملائڪ، نه ٻڌوسون انهيءَ کي پنهنجن ابن ڏاڏن

الله گهري ها ته ملائڪن کي موڪلي ها. اها (ڳالهه ته) پنهنجن اڳين ابن ڏاڏن ۾ نه ٻڌي سون.

الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾ ج اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوْا بِهٖ حَتّٰى

اڳين ۾. ناهي اهو ڪجهه مگر هڪ ماڻهو جنهن کي چرياپ آهي پوءِ انتظار ڪيو ان جو ڪنهن وقت

اهو ته رڳو هڪڙو ديوانو شخص آهي تنهن ڪري ان لاءِ هڪ وقت تائين ترسو.

حِيْنٍ ﴿٢٥﴾ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿٢٦﴾ فَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ اَنِ

تائين. چيائين اي منهنجا رب مدد ڪر منهنجي جو انهن ڪوڙو ڪيو آهي مونکي. پوءِ حڪم ڪيوسين ان کي ته

(نوح) چيو اي منهنجا پالڻهارا مون کي مدد ڏي، انهيءَ ڪري جو مون کي ڪوڙو ڄاڻيائون. پوءِ ڏانهس وحي

اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ لا

ناهه ٻيڙي اسانجي اکين آڏو ۽ اسان جي ڏسڻ سان پوءِ جڏهن اچي حڪم اسان جو ۽ ابامي تنور

ڪيوسون ته اسان جي اکين آڏو ۽ اسان جي حڪم سان ٻيڙي ناهه! پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ۽ تنور اُبامي

فَاسْلُكْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ

پوءِ ڪڍي هل انهي ۾ هر شيءِ مان جوڙا ٻه ٻه ۽ پنهنجي عيال کي انهن کان سواءِ جن تي تي

تڏهن سڀ ڪنهن جوڙي مان ٻه ٻه (نر ۽ ماديون) ۽ پنهنجي گهروارا منجهس چاڙهه پر

عَلَيْهِ الْقَوْلُ مِنْهُمْ ۚ وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ

چڪو آهي فيصلو انهن مان، ۽ نه ڳالهاءِ مون سان ظالمن بابت بيشڪ اهي

منجهانئن جن بابت (هلاڪ ٿيڻ جو) حڪم ٿي چڪو (سي نه چاڙهه)، ۽ ظالمن بابت مون کي نه چئو ڇو ته اهي

مُّغْرَقُوْنَ (٢٧) فَاِذَا اسْتَوَيْتَ اَنْتَ وَمَنْ مَّعَكَ عَلَى الْفُلْكِ فَقُلِ

ٻڏل ٿيندا. پوءِ جڏهن چڙهي ويهين تون ۽ جيڪي توسان گڏ آهن ٻيڙي تي پوءِ چئو

ٻڏل آهن. پوءِ جڏهن ٻيڙي تي تون چڙهي ويهين ۽ تنهنجا سنگتي (ٻه ويهن) تڏهن چئو ته

الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ نَجّٰىنَا مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ (٢٨) وَقُلْ رَّبِّ

الله جو شڪر جنهن بچايو اسان کي ماڻهن ظالمن کان. ۽ چؤ اي منهنجا پالڻهار

سڀ ساراهه انهيءَ الله کي جڳائي جنهن ظالمن جي قوم کان اسان کي بچايو. ۽ چئو ته، اي منهنجا پالڻهار!

اَنْزِلْنِيْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّاَنْتَ خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ (٢٩) اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

لاهه مون کي برڪت واري هنڌ ۽ تون ئي سڀني کان ڀلو لاهيندڙ آهين. بيشڪ انهي ۾ نشانيون آهن

مون کي برڪت واري هنڌ لاهه ۽ تون (سڀ کان) چڱو لاهيندڙ آهين!. بيشڪ هن (قصي) ۾ نشانيون آهن

وَّاِنْ كُنَّا لَمُبْتَلِيْنَ (٣٠) ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ۚ (٣١)

۽ بيشڪ اسين آهيون آزمائيندڙ. پوءِ پيدا ڪياسون انهن کان بعد ماڻهو ٻيا.

۽ بيشڪ اسين پرکڻ وارا هئاسون. وري کانئن پوءِ ٻيو جڳ پيدا ڪيوسون.

فَاَرْسَلْنَا فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ

پوءِ موڪليوسون انهن ۾ رسول انهن مان ته عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪوئي خدا

پوءِ منجهن هڪ پيغمبر انهن (جي قبيلي) مان موڪليوسون (تنهن چيو) ته الله جي عبادت ڪريو. ان کان

غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ (٣٢) ع وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ

انهي کان سواءِ، ڇا پوءِ نه ٿا ڊڄو؟ ۽ چيو سردارن سندس قوم مان جن ڪفر ڪيو ۽

سواءِ اوهان جو ڪوبه معبود نه آهي، پوءِ ڇو نه ڊڄندا آهيو؟ ۽ سندس قوم مان جن سردارن ڪفر ڪيو ۽ آخرت جي ملڻ کي

كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ وَاَتْرَفْنٰهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ مَا هٰذَآ اِلَّا

ڪوڙو ڪياٿون آخرت جي ملاقات کي ۽ اسان آسودو ڪيو هئو جن کي دنيا جي حياتي ۾ ته رڳو هي

ڪوڙ ڀانيو ۽ کين دنيا جي حياتيءَ ۾ آسودو به ڪيو هيوسون، تن چيو ته، هي (پيغمبر) رڳو اوهان جهڙو ماڻهو آهي (جو)

ع

بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا تَاْكُلُوْنَ مِنْهُ وَيَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ۖ ﴿٣٣﴾

ماڻهو آهي توهان جهڙو کائي ٿو جنهن مان توهان کائو ٿا ۽ پيئي ٿو جنهن مان توهان پيئو ٿا.

جنهن (قسم) منجهان (اوهين) کائيندا آهيو تنهن مان (اُهو به) کائيندو آهي ۽ جنهن (قسم) منجهان (اوهين) پيئندا آهيو تنهن مان (اُهو به) پيئندو آهي.

وَلَئِنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ۙ ﴿٣٤﴾ اَيَعِدُكُمْ اَنَّكُمْ

۽ جيڪڏهن توهان تابع ٿيندؤ هڪ ماڻهو پاڻ جهڙي جا ته توهان يقينن نقصاني ٿيندؤ. ڇا وعدو ڏئي ٿو توهانکي

۽ جيڪڏهن پاڻ جهڙي ماڻهوءَ جو چيو مڃيندؤ ته اوهين انهيءَ مهل ٽوٽي وارا ٿيندؤ. اوهان سان انجام ڪندو آهي ڇا ته

اِذَا مِتُّمْ وَكُنْتُمْ تُرَابًا وَّعِظَامًا اَنَّكُمْ مُّخْرَجُوْنَ ۖ ﴿٣٥﴾ هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ

ته جڏهن مري ويندؤ ۽ ٿيندؤ مٽي ۽ هڏا ته توهان اٿاريا ويندؤ؟ اهو پري آهي پري آهي

جڏهن (اوهين) مرندؤ ۽ مٽي ۽ هڏا ٿيندؤ (تڏهن) اوهين ٻاهر ڪڍبؤ؟ جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو سو

لِمَا تُوْعَدُوْنَ ۖ ﴿٣٦﴾ اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا

جنهن جو توهانکي وعدو ڏيو آهي. رڳو هيءَ زندگي اسان جي دنيا واري آهي مرون ٿا ۽ جمون ٿا ۽ ناهيون

(ٻڌڻ ۽ ڇوڙڻ کان) پري (بلڪل) پري آهي. اسان جي رڳي هيءَ دنيا جي حياتي آهي (جنهن ۾) مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون ۽

نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ۖ ﴿٣٧﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلُ ٰافْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا وَّ

اسين وري اٿاريل. رڳو اهو آهي ماڻهو جنهن ٺاهيو الله تي ڪوڙ ۽

اسين (وري جيئرا ٿي) اٿڻ وارا نه آهيون. هيءُ رڳو هڪ ماڻهو آهي جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو آهي ۽

مَا نَحْنُ لَهٗ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٨﴾ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿٣٩﴾ قَالَ

نه آهيون اسين ان کي مڃيندڙ. چيائين اي منهنجا رب مدد ڪر منهنجي جو انهن مونکي ڪوڙو ڪيو آهي. فرمايائين

اسين (ڪنهن) مڃڻ وارا نه آهيون. (پيغمبر) چيو ته، منهنجا پالڻهار! مون کي مدد ڏي هن ڪري جو مون کي ڪوڙو ڀانيائون.

عَمَّا قَلِيْلٍ لَّيُصْبِحُنَّ نٰدِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ ج فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ بِالْحَقِّ فَجَعَلْنٰهُمْ

ٿوري وقت کان پوءِ ضرور اهي ٿيندا پشيمان. پوءِ پڪڙيو انهن کي حق جي هڪل پوءِ ڪيوسون انهن کي

(الله) فرمايو ته، ٿوري مدت کان پوءِ پشيمان ٿيندا. پوءِ کين سچي انجام جي ڪري دهڪي پڪڙيو پوءِ کين ڪنو

غُثَآءً ۚ فَبُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤١﴾ ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْ بَعْدِهِمْ قُرُوْنًا

ڏرا پرزا. پوءِ هلاڪت آهي ظالمن جي قوم لاءِ. وري پيدا ڪياسون انهن کان پوءِ ٻيا

ڪيوسون، پوءِ ظالمن جي قوم تي لعنت هجي!. وري کانئن پوءِ ٻيا جُڳ پيدا ڪياسون.

اٰخَرِيْنَ ﴿٤٢﴾ ط مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿٤٣﴾ ط ثُمَّ

ماڻهو. نه اڳي ويندي ڪا قوم پنهنجي وقت کان ۽ نه پوئتي رهندا. پوءِ

ڪائي ٽولي پنهنجيءَ مدت کان نه اڳي ويندي آهي ۽ نکي (اهي) دير ڪندا آهن. وري لڳو لڳ پنهنجن

اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا تَتْرَا ؕ كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوْلُهَا كَذَّبُوْهُ فَاَتْبَعْنَا
موڪلياسون پنهنجا رسول لڳاتار. جڏهن آيو ڪنهن امت وٽ انهن جو رسول ته ڪوڙو ڪيائون ان کي پوءِ آندوسون
پيغمبرن کي موڪليوسون. جڏهن به ڪنهن توليءَ وٽ سندن پيغمبر آيو (تڏهن) کيس ڪوڙو ڄاتائون. پوءِ انهن
بَعْضَهُمْ بَعْضًا وَّجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ ۚ فَبُعْدًا لِّقَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۴۴﴾
هڪڙن کي پٺيان ٻين جي پويان ۽ ڪري ڇڏيوسون انهن کي آکاڻيون، پوءِ هلاڪت آهي انهيءَ قوم لاءِ جيڪي نه ٿا مڃين.
کي هڪ ٻئي پٺيان (ناس) ڪيوسون ۽ کين (ٻين لاءِ) آکاڻيون ڪيوسون، پوءِ نه مڃيندڙ قوم تي لعنت هجي.
ثُمَّ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى وَاَخَاهُ هٰرُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿۴۵﴾
پوءِ موڪليوسون موسىٰ ۽ ان جي ڀاءُ هارون کي، پنهنجين نشانين ۽ دليل پڌري سان.
وري پنهنجي نشانين ۽ پڌريءَ حجت سان موسىٰ ۽ سندس ڀاءُ هارون کي موڪليوسون.
اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا عَالِيْنَ ﴿۴۶﴾ ۚ فَقَالُوْٓا
فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن پوءِ وڏائي ڪيائون ۽ هئا ماڻهو هٺيلا. پوءِ چيائون
فرعون ۽ سندن لشڪر ڏانهن، پوءِ (انهن) وڏائي ڪئي ۽ (اهي) هٺيلي قوم هئا. پوءِ چيائون
اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا وَقَوْمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوْنَ ﴿۴۷﴾ ۚ فَكَذَّبُوْهُمَا
ڇا ايمان آڻيون اهڙن ٻن ماڻهن تي جو اسان جهڙا آهن ۽ قوم انهن جي اسان جي غلام آهي. پوءِ ڪوڙو ڪيائون ٻنهي کي
ته پاڻ جهڙن ٻن ماڻهن تي ڇو ايمان آڻيون؟ ۽ سندن قوم (ته) اسان جو ٻانهپو ڪندڙ آهي. پوءِ انهن کي
فَكَانُوْا مِنَ الْمُهْلَكِيْنَ ﴿۴۸﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ لَعَلَّهُمْ
پوءِ ٿي ويا تباهه. ۽ اسان ڏنوسون موسىٰ کي ڪتاب جيئن اهي
ڪوڙو ڄاتائون پوءِ هلاڪ ڪيلن مان ٿيا. ۽ بيشڪ موسىٰ کي ڪتاب ڏنوسون ته مَن اهي
يَهْتَدُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَجَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗٓ اٰيَةً وَّاٰوَيْنٰهُمَآ اِلٰى
هدايت وٺن. ۽ ڪيوسون مريم جي پٽ ۽ سندس ماءُ کي نشاني ۽ رهايوسون ٻنهي کي
سڌو رستو لهن. ۽ مريم جي پٽ کي ۽ سندس ماءُ کي هڪ نشاني ڪئي سون ۽ انهن کي
رَبْوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ وَّمَعِيْنٍ ﴿۵۰﴾ يٰٓاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ
دڙي قرار واري ۽ پاڻي واري ڏانهن. اي پيغمبرو! کائو پاڪ شيون
سنئين ۽ وهندڙ چشمن واري مٿاهين دڙي تي (رهڻ جي) جاءِ ڏسي سون. (چيوسون ته) اي پيغمبرو! سٺين شين
وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿۵۱﴾ ؕ وَاِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ
۽ عمل ڪريو چڱا، بيشڪ آءٌ انکي جو توهان ڪريو ٿا ڄاڻندڙ آهيان. ۽ هي توهان جي جماعت آهي
مان کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو، بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو آءٌ ڄاڻيندڙ آهيان. ۽ بيشڪ اوهان جو هي دين

اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّاَنَا رَبُّكُمۡ فَاتَّقُوۡنِ ﴿٥٢﴾ فَتَقَطَّعُوۡۤا اَمۡرَهُمۡ بَيۡنَهُمۡ

جماعت هڪڙي ۽ آءٌ توهانجو پاليندڙ آهيان پوءِ لحاظ رکوم. پوءِ ٽوڙي وڌائون پنهنجو معاملو پاڻ ۾

هڪ دين آهي ۽ آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان. تنهن ڪري مون کان ڊڄو. پوءِ (انهن) پنهنجي ڪم کي پاڻ ۾ ذرا ذرا ڪري ڇڏيو.

زُبُرًا ؕ كُلُّ حِزۡبٍۢ بِمَا لَدَيۡهِمۡ فَرِحُوۡنَ ﴿٥٣﴾ فَذَرۡهُمۡ فِىۡ غَمۡرَتِهِمۡ حَتّٰى

ٽڪرا ٽڪرا ڪري، سڀ ٽولا جيڪي وٽن آهي ان تي خوش ٿيندڙ آهن. پوءِ ڇڏ انهن کي سندن جهالت ۾ ڪنهن

سڀ ڪنهن ٽوليءَ وٽ جيڪي آهي، تنهن سان اها سرهي (رهندي) آهي. پوءِ (اي پيغمبرا) کين سندن غفلت ۾ هڪ وقت تائين ڇڏي ڏي.

حِيۡنٍ ﴿٥٤﴾ اَيَحۡسَبُوۡنَ اَنَّمَا نُمِدُّهُمۡ بِهٖ مِنۡ مَّالٍ وَّبَنِيۡنَ ۙ﴿٥٥﴾ نُسَارِعُ

وقت تائين. ڇا اهي سمجهن ٿا ته جيڪي ڏيندا رهون ٿا انهنکي هتي مال ۽ پٽ. ته تڪڙيون پهچايون ٿا

جنهن مال ۽ اولاد سان کين واڌارو ڏئون ٿا تنهن کي پائيندا آهن ڇا؟. ته ڪا انهن لاءِ

لَهُمۡ فِى الۡخَيۡرٰتِ ؕ بَلۡ لَّا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٥٦﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ هُمۡ مِّنۡ

انهن کي ڀلايون؟ اڻين نه آهي پر نه ٿا سمجهن. بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي

چڱاين ڏيڻ ۾ تڪڙ ٿا ڪريون (نه!) بلڪ نه سمجهندا آهن. بيشڪ اهي جيڪي

خَشۡيَةِ رَبِّهِمۡ مُّشۡفِقُوۡنَ ۙ﴿٥٧﴾ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمۡ يُؤۡمِنُوۡنَ ۙ﴿٥٨﴾

پاليندڙ جي خوف کان ڊڄندڙ آهن. ۽ اهي جيڪي پنهنجي رب جي آيتن تي يقين ٿا ڪن.

پنهنجي پالڻهار جي ڀؤ کان ڊڄندڙ آهن. ۽ اهي جيڪي پنهنجي پالڻهار جي نشانين تي ايمان آڻيندا آهن.

وَالَّذِيۡنَ هُمۡ بِرَبِّهِمۡ لَا يُشۡرِكُوۡنَ ۙ﴿٥٩﴾ وَالَّذِيۡنَ يُؤۡتُوۡنَ مَاۤ اٰتَوۡا وَّ

۽ اهي جيڪي پنهنجي رب سان شريڪ نه ٿا ڪن. ۽ اهي جي ڏين ٿا جيڪي ڏنائون ۽

۽ اهي جيڪي پنهنجي پالڻهار سان شريڪ مقرر نه ڪندا آهن. ۽ جيڪي (اُهو) ڏيندا آهن جيڪي (سندس واٽ ۾) ڏنائون

قُلُوۡبُهُمۡ وَجِلَةٌ اَنَّهُمۡ اِلٰى رَبِّهِمۡ رٰجِعُوۡنَ ۙ﴿٦٠﴾ اُولٰٓئِكَ يُسٰرِعُوۡنَ

دليون انهن جون ڪنبندڙ آهن ته اهي پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ وارا آهن. اهي کي تڪڙ ڪن ٿا

ان حال ۾ جو سندن دليون ان ڪري ڏڪنديون آهن ته اهي پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهن. اهي (ماڻهو) چڱاين ۾ تڪڙائي

فِى الۡخَيۡرٰتِ وَهُمۡ لَهَا سٰبِقُوۡنَ ﴿٦١﴾ وَلَا نُكَلِّفُ نَفۡسًا اِلَّا وُسۡعَهَا

ڀلاين ۾ ۽ اهي انهن ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن. ۽ اسان نه ٿا تڪليف ڏيون ڪنهن کي مگر ان جي وس آهر

ڪندا آهن ۽ اهي ان لاءِ اڳرائي ڪندڙ آهن. ۽ (اسين) ڪنهن به جيءَ تي سندس طاقت کان سواءِ تڪليف نه ٿا رکون

وَلَدَيۡنَا كِتٰبٌ يَّنۡطِقُ بِالۡحَقِّ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿٦٢﴾ بَلۡ قُلُوۡبُهُمۡ

۽ اسان وٽ دفتر آهي جو ڳالهائيندو آهي سچ ۽ اهي ظلم نه ڪيا ويندا. پر دليون انهن جون

۽ اسان وٽ هڪ ڪتاب آهي، جو سچ ڳالهائيندو آهي ۽ انهن تي ظلم نه ڪبو. بلڪ سندين دليون

فِيْ غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا وَلَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا

جهالت ۾ آهن انهي کان ۽ انهن جا ڪرتوت آهن ان کان سواءِ ٻيا اهي جن کي

انهن (ڳالهين) کان غفلت ۾ آهن ۽ هن کان سواءِ انهن جا ٻيا ڪرتوت بہ آهن. جي اهي

عٰمِلُوْنَ ﴿٦٣﴾ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَخَذْنَا مُتْرَفِيْهِمْ بِالْعَذَابِ اِذَا هُمْ يَجْـَٔرُوْنَ ﴿٦٤﴾

ڪن ٿا. نيٺ جڏهن پڪڙينداسون انهن جي آسودن کي عذاب سان تڏهن اهي دانهون ڪندا.

ڪندا آهن. تانجو منجهانئن عياشين (ماڻهن) کي جڏهن عذاب سان پڪڙيوسون، تڏهن دانهون ڪندا رهيا.

لَا تَجْـَٔرُوا الْيَوْمَ قف اِنَّكُمْ مِّنَّا لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿٦٥﴾ قَدْ كَانَتْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى

دانهون نہ ڪريو اڄ، توهان اسان کان ڇٽي نہ سگهندؤ. بيشڪ آيتون منهنجون پڙهبيون هيون

(چيوسون) تہ اڄ دانهون نہ ڪريو، ڇو تہ اسان کان اوهان کي مدد نہ ملندي. بيشڪ اوهان کي منهنجيون آيتون پڙهي

عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ تَنْكِصُوْنَ ﴿٦٦﴾ مُسْتَكْبِرِيْنَ ۖ بِهٖ سٰمِرًا

توهان تي پوءِ توهان پنهنجن ڪڙين تي پرڪي ويندا هيؤ. آڪڙ ڪندي اتي رات جو ويهي

ٻڌائبيون هيون تڏهن اوهين پنهنجن ڪڙين پر (پوئتي) ڀڄندا هُيَو. اُن (قرآن) کان وڏائي ڪندڙ (۽) آکاڻين ۾ مشغول

تَهْجُرُوْنَ ﴿٦٧﴾ اَفَلَمْ يَدَّبَّرُوا الْقَوْلَ اَمْ جَآءَهُمْ مَّا لَمْ يَاْتِ اٰبَآءَهُمُ

بڪواس ٿا ڪريو. ڇا نہ سمجهيائون انهيءَ ڳالهہ کي يا آيو انهن وٽ اهوجو نہ آيو هئو انهنجي ابن ڏاڏن

ٿي (ڪيس) ڇڏيو ٿي. قرآن کي نہ سوچيائون ڇا يا وٽن اهڙي شيءِ آئي آهي، جا سندن اڳين ڀيءُ ڏاڏن وٽ نہ آئي هئي؟.

الْاَوَّلِيْنَ ز ﴿٦٨﴾ اَمْ لَمْ يَعْرِفُوْا رَسُوْلَهُمْ فَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَمْ

اڳين وٽ. يا نہ سڃاتائون پنهنجي رسول کي پوءِ اهي انکي اوپرو ٿا سمجهن. يا

يا پنهنجي پيغمبر کي نہ سڃاتائون ڇا؟ تنهن ڪري اهي سندس منڪر (ٿيا) آهن. يا

يَقُوْلُوْنَ بِهٖ جِنَّةٌ ط بَلْ جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ وَاَكْثَرُهُمْ لِلْحَقِّ

چون ٿا انکي جنون آهي، بلڪ انهي تہ آندو آهي انهن وٽ حق ۽ گهڻا انهن مان حق جا

چوندا آهن تہ کيس چريائي آهي،(نہ!) بلڪ (پيغمبر) وٽن سچي ڳالهہ آندي آهي ۽ منجهانئن گهڻا سچ کي

كٰرِهُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَلَوِ اتَّبَعَ الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ

انڪاري آهن. ۽ جيڪڏهن تابع ٿئي حق انهن جي خيالن جو تہ برباد ٿين ها آسمان ۽ زمين

بُرو ڀائيندڙ آهن. ۽ جيڪڏهن الله سندن سڌن تي هلي ها تہ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهي، سي ويران ٿين ها.

وَمَنْ فِيْهِنَّ ط بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِذِكْرِهِمْ فَهُمْ عَنْ ذِكْرِهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧١﴾ ط

۽ جيڪي انهن ۾ آهن، پر اچا ڏني سون انهن کي سندن نصيحت پوءِ اهي پنهنجي نصيحت کان منهن موڙيندڙ آهن.

(نہ!) بلڪ سندن نصيحت وٽن آندي سون ۽ اهي پنهنجيءَ نصيحت (ڪتاب) کان منهن موڙيندڙ آهن.

اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ خَرْجًا فَخَرَاجُ رَبِّكَ خَيْرٌ ۖ وَّهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٧٢﴾ وَ

يا تون گهرين ٿو انهن کان وڏ پوءِ وڏ تنهنجي رب جو بهتر آهي، ۽ اهو ڀلو رزق ڏيندڙ آهي. ۽

يا ڪا انهن کان نذرانو گهرندو آهين ڇا؟ پوءِ تنهنجي پالڻهار جو نذرانو (ڏيڻ) ڀلو آهي ۽ اهو (سڀ کان) چڱو روزي ڏيندڙ آهي. ۽

اِنَّكَ لَتَدْعُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٣﴾ وَاِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ

بيشڪ تون سڏين ٿو انهن کي رستي سڌي ڏانهن. ۽ جيڪي ماڻهو نہ ٿا مڃين

بيشڪ تون سڌي واٽ ڏانهن کين سڏيندو آهين. ۽ بيشڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن.

بِالْاٰخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنٰكِبُوْنَ ﴿٧٤﴾ وَلَوْ رَحِمْنٰهُمْ وَكَشَفْنَا مَا بِهِمْ

آخرت کي رستي کان لڙي ويندڙ آهن. ۽ جيڪڏهن اسين رحم ڪريون ها انهن تي ۽ دفع ڪريون ها جيڪا انهن کي

سي سڌيءَ واٽ کان پاسيرا ٿيندڙ آهن. جيڪڏهن مٿن رحم ڪريون ها ۽ جيڪي کين ڏک پهتو سو لاهيون ها

مِّنْ ضُرٍّ لَّلَجُّوْا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَلَقَدْ اَخَذْنٰهُمْ

تڪليف آهي تہ گهڙي پوندا پنهنجي شرارت ۾ دل جا انڌا ٿي. اسان وٺ ڪئي انهن کي

تہ (بہ) سدائين پنهنجيءَ گمراهيءَ ۾ حيران رهن ها. ۽ بيشڪ کين عذاب سان پڪڙيوسون،

بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوْا لِرَبِّهِمْ وَمَا يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٧٦﴾ حَتّٰٓى اِذَا

عذاب سان پوءِ نہ جهڪيا پنهنجي پروردگار لاءِ ۽ نڪي نيزاري ڪيائون. آخر جڏهن

پوءِ (بہ) پنهنجي پالڻهار جي اڳيان نہ نوڙيا ۽ نڪي عاجزي ڪيائون. (پنهنجيءَ غفلت ۾ رهيا) تان جو جنهن مهل

فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيْدٍ اِذَا هُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿٧٧﴾ ع

کوليوسون انهن تي دروازو عذاب شديد جو تہ اهي ان ۾ نااميد ٿيڻ لڳا.

مٿن سخت عذاب وارو دروازو کوليوسون (تنهن مهل) اتي جا اتي انهيءَ ۾ نااُميد ٿيا.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا

۽ انهيءَ ٿي پيدا ڪيا توهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون، توهان گهٽ

۽ (الله) اهو آهي، جنهن اوهان لاءِ ڪَن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايون (پر اوهين تمام) ٿورو

مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٨﴾ وَهُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٧٩﴾

ٿا شڪر ڪريو. ۽ انهيءَ ٿي پکيڙيو توهان کي ڌرتي ۾ ۽ انهي ڏانهن ئي گڏ ڪيا ويندؤ.

شڪر ڪندا آهيو. ۽ (الله) اهو آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ پيدا ڪيو ۽ ڏانهس وري گڏ ڪيا ويندؤ.

وَهُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَلَهُ اخْتِلَافُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ؕ

۽ اهو ئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ انهي جي اختيار آهي مٽاسٽا رات ۽ ڏينهن جي،

۽ (الله) اهو (آهي) جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ رات ۽ ڏينهن جو ڦيرڦار ڪرڻ اُن جو (ڪم) آهي،

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٨٠﴾ بَلْ قَالُوْا مِثْلَ مَا قَالَ الْاَوَّلُوْنَ ﴿٨١﴾ قَالُوْٓا ءَاِذَا

چا پوءِ نہ تا سمجھو. پر چون لڳا جيئن چيو ھئو اڳين. چيائون چا جڏھن

پوءِ نہ سمجھندا آھيو چا؟ بلڪ جيئن اڳين چيو تيئن چوندا آھن. چون ٿا تہ اسان جڏھن مرنداسون

مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿٨٢﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ

مرنداسون ۽ ٿينداسون مٽي ۽ هڏا چا اسان اٿاريل ٿينداسون. وعدو ڏنو ويو ھو اسان کي

۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏھن) وري جيئرا ٿي اٿنداسون چا؟ بيشڪ اسان کي

وَاٰبَآؤُنَا هٰذَا مِنْ قَبْلُ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨٣﴾ قُلْ

۽ اسان جي وڏن کي اھوئي اڳ ۾ ناھي ھيءُ مگر آکاڻيون اڳين جون. تون چؤ

۽ اسان جي اَبن ڏاڏن کي ھن کان اڳ انھيءَ (ڳالھ) جو انجام ڏنو ويو آھي. اِھي رڳو اڳين جا قصا آھن. چئو تہ.

لِّمَنِ الْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهَآ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٤﴾ سَيَقُوْلُوْنَ

ڪنھن جي آھي ڌرتي ۽ جيڪي ان ۾ آھي جيڪڏھن اوھين ڄاڻو ٿا. سڀھو چوندا

جيڪڏھن اوھين ڄاڻندا آھيو تہ (ٻڌايو تہ) زمين ۽ جيڪي منجھس آھي سو ڪنھن جو آھي؟. سڀھوئي چوندا تہ

لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٨٥﴾ قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَ

الله جي، تون چؤ چا پوءِ نہ تا سوچ ڪريو. چؤ ڪير آھي رب آسمانن ستن جو ۽

(اھو سڀ) الله جو آھي، چئو تہ، پوءِ چو نہ نصيحت وٺندا آھيو؟. (اي پيغمبر ڪافرن پڇ) تہ ستن آسمانن جو رب ۽

رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٨٦﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٨٧﴾

رب عرش عظيم جو. سڀھو چوندا الله لاءِ، چؤ چا پوءِ نہ تا پرھيزگاري ڪريو؟

وڏي عرش جو رب ڪير آھي؟. سڀھوئي چوندا (اِھو سڀ) الله جو آھي، چئو تہ پوءِ ڇو نہ ڊڄندا آھيو؟.

قُلْ مَنْۢ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ يُجِيْرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ

تون چؤ ڪنھن جي ھٿ آھي حڪومت ھر شيءِ جي ۽ اھوئي بچائيندڙ آھي ۽ نہ بچايو ويندو ان کان ڪوئي

(ڪافرن) پڇ تہ، (اھو) ڪير آھي؟ جنھن جي ھٿ ۾ سڀ ڪنھن شيءِ جي حڪومت آھي ۽ اھو پناہ ڏيندڙ آھي ۽ ان (جي عذاب) کان ڪنھن کي پناہ

اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٨﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ فَاَنّٰى تُسْحَرُوْنَ ﴿٨٩﴾

جيڪڏھن توھان ڄاڻو ٿا. سڀھو چوندا الله لاءِ تون چؤ پوءِ ڪٿان توھان تي جادو لڳي ٿو.

ڏيڻ نہ سگھبي آھي، جيڪڏھن ڄاڻندا آھيو (تہ ڏسيو). سڀھوئي چوندا تہ (اھو سڀ) الله جي (ھٿ ۾) آھي، (ڪين) چئو تہ پوءِ اوھين ڪٿان ٺڳجو ٿا؟.

بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِالْحَقِّ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٩٠﴾ مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنْ وَّلَدٍ

پر اسان ڏنوسون انھن کي سچ ۽ اھي ڪوڙا آھن. نہ ورتو الله ڪوئي ٻار

بلڪ وٽن سچي (ڳالھ) آندي اٿئون ۽ بيشڪ اھي ڪوڙا آھن. الله ڪنھن کي (پاڻ لاءِ) ڪنھن کي پٽ ڪري ورتو آھي

وَمَا كَانَ مَعَهٗ مِنْ اِلٰهٍ اِذًا لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍۢ بِمَا خَلَقَ وَ

۽ نہ آهي انهيءَ سان گڏ ڪوئي ٻيو خدا نہ تہ نئي ها هرهڪ خدا پنهنجي مخلوق کي ۽

۽ نڪي ساڻس ڪو (ٻيو) معبود آهي (جيڪڏهن ائين هجي ها) تہ هرڪو معبود پنهنجيءَ مخلوق کي وٺيو وڃي

لَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۙ﴿٩١﴾

چڙهائي ڪن ها هڪڙا انهن مان ٻين تي، الله پاڪ آهي انهن جي بيانن کان.

ها ۽ آهي هڪ ٻئي تي ڏاڍ ڪن ها. (ڪافر) جيڪي بيان ڪندا آهن تنهن کان الله پاڪ آهي.

عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٩٢﴾ ع قُلْ رَّبِّ اِمَّا

ع ٥ اهو ڄاڻندڙ آهي ڳجهہ ۽ ظاهر کي پوءِ اهو مٿانهون آهي ان کان جنهنکي شريڪ ٿا ڪن. چؤ اي رب جيڪڏهن

ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي جنهن کي (ان سان) شريڪ ٺاهيندا آهن، تنهن کان مٿاهون آهي. (اي پيغمبر!) چئو تہ اي منهنجا

تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ﴿٩٣﴾ رَبِّ فَلَا تَجْعَلْنِيْ فِى الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٤﴾

ڏيکارين مونکي اهو جنهنجو انهن کي دڙڪو ڏنل آهي. منهنجا رب پوءِ نہ ڪجانءِ مونکي قوم ظالمن ۾.

پالڻهار! جيڪو انجام ڪجين ٿو سو جيڪر مون کي ڏيکارين. اي منهنجا پالڻهار! مون کي ظالمن جي قوم ۾ (داخل) نہ ڪر.

وَاِنَّا عَلٰٓى اَنْ نُّرِيَكَ مَا نَعِدُهُمْ لَقٰدِرُوْنَ ﴿٩٥﴾ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ

۽ بيشڪ اسين ان تي جو ڏيکاريون توکي انهن سان پنهنجو ڪيل وعدو قادر آهيون. ٽار

۽ جيڪو ڪين انجام ڏيون ٿا، تنهن جي توکي ڏيکارڻ تي بيشڪ اسين وس وارا آهيون. ڏاڍي چڱي طريقي سان

اَحْسَنُ السَّيِّئَةَ ؕ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَصِفُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَقُلْ رَّبِّ اَعُوْذُ بِكَ

چڱائي سان برائي کي، اسين گهڻو ڄاڻون ٿا جيڪي اهي بيان ڪن ٿا. ۽ تون چؤ اي رب مون پناهہ تو گهران تنهنجي

برائيءَ کي ٽار!. (ڪافر) جيڪي بيان ڪندا آهن، سو اسين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون. ۽ (اي پيغمبر!) چئو تہ اي منهنجا پالڻهار!

مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ۙ﴿٩٧﴾ وَاَعُوْذُ بِكَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ ﴿٩٨﴾

وسوسي شيطان جي کان. ۽ آءٌ پناهہ تو گهران تنهنجي اي منهنجا رب جو اهي مون وٽ اچن.

شيطانن جي وسوسن کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو. ۽ اي منهنجا پالڻهار! پاڻ وٽ انهن جي ويجهي ٿيڻ کان (بہ) تنهنجي پناهہ وٺان ٿو.

حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ رَبِّ ارْجِعُوْنِ ۙ﴿٩٩﴾ لَعَلِّيْٓ

نيٺ جڏهن ايندو انهن مان ڪنهن تي موت چوندو اي منهنجا رب مونکي پوئتي موٽاءِ. جيئن آءٌ

(ڪافر پنهنجي غفلت ۾ هوندا) تان جو جنهن مهل منجهانئن ڪنهن کي موت ايندو (تنهن مهل) چوندو تہ، اي منهنجا پالڻهار! مون کي دنيا ۾ (وراڻي)

اَعْمَلُ صَالِحًا فِيْمَا تَرَكْتُ كَلَّا ؕ اِنَّهَا كَلِمَةٌ هُوَ قَآئِلُهَا ؕ وَمِنْ

ڪم ڪريان چڱا ان ۾ جيڪي ڇڏي آيس ائين نہ ٿيندو. بيشڪ اها هڪ ڳالهہ آهي جنهن جو اهو چوندڙ آهي، ۽ انهن

موٽاءِ تہ جيڪي (اتي) ڇڏيم تنهن ۾ آءٌ جيڪر چڱا عمل ڪريان! ائين (ڪڏهن ٿيڻو) نہ آهي، بيشڪ اها هڪ ڳالهہ آهي جيڪا اهو چوندڙ آهي ۽

وَّرَآئِهِمْ بَرْزَخٌ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٠٠﴾ فَاِذَا نُفِخَ فِى الصُّوْرِ فَلَآ

جي پويان پردو آهي انهي ڏينهن تائين جو اٿاريا ويندا. پوءِ جڏهن ڦوڪيو ويندو صور ۾ تہ نہ

سندن اڳيان هڪ پردو (عالم قبر) انهيءَ ڏينهن تائين رهندو (جنهن ڏينهن قيامت ۾) اٿاريا ويندا. پوءِ جنهن مهل

اَنْسَابَ بَيْنَهُمْ يَوْمَئِذٍ وَّلَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿١٠١﴾ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ

رهنديون مائٽيون انهن جي وچ ۾ تنهن ڏينهن ۽ نڪي هڪبئي کان پڇا ڪندا. پوءِ اهي ڳرا ٿيا جن جا عمل

صور ۾ ڦوڪبو (تنهن مهل) اُن ڏينهن سندن وچ ۾ نہ ذاتيون رهنديون ۽ نڪي پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا ڪندا. پوءِ جنهن (جي

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ

پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن. ۽ جن جا هلڪا ٿيندا عمل پوءِ اهي ئي آهن جن

نيڪيءَ) جو پلڙو ڳرو ٿيو سي ئي ڇٽل آهن. ۽ جنهنجو پلڙو هلڪو ٿيو سي اُهي آهن

خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فِىْ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٣﴾ تَلْفَحُ وُجُوْهَهُمُ

نقصان ڪيو پنهنجي سر جو هوندا دوزخ ۾ هميشہ رهندڙ. ساڙيندي انهن جي منهن کي

جن پاڻکي نقصان لاتو (اُهي) دوزخ ۾ سدائين رهندڙ آهن. ۽ سندن منهن کي باهہ ساڙيندي

النَّارُ وَهُمْ فِيْهَا كٰلِحُوْنَ ﴿١٠٤﴾ اَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِىْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ

باهہ ۽ اهي ان ۾ بدشڪل هوندا. ڇا منهنجون آيتون ڪونہ پڙهيون ٿي ويئون توهان تي پوءِ اوهين

۽ اُهي منجهس بدشڪلا ٿيندا. (چيو ويندن تہ) منهنجون آيتون اوهان کي نہ پڙهي ٻڌائيون هيون ڇا؟ پوءِ اوهين

بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٠٥﴾ قَالُوْا رَبَّنَا غَلَبَتْ عَلَيْنَا شِقْوَتُنَا وَكُنَّا قَوْمًا ضَآلِّيْنَ ﴿١٠٦﴾

انهن کي ڪوڙو ڪندا هئا. چوندا اي رب اسانجا زور پئجي ويو اسان تي نياڳ اسان جو ۽ هئاسون ماڻهو گمراهہ.

انهن کي ڪوڙ پائيندا هيؤ؟. چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان جي بدبختي اسان تي غالب ٿي ويئي ۽ گمراهہ قوم هئاسون!.

رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْهَا فَاِنْ عُدْنَا فَاِنَّا ظٰلِمُوْنَ ﴿١٠٧﴾ قَالَ اخْسَئُوْا فِيْهَا

اي رب اسان جا ڪڍ اسان کي انهيءَ مان پوءِ جيڪڏهن وري ڪيوسون تہ بيشڪ اسين آهيون ظالم. فرمايائين ڇائي پايو ان ۾

اي اسان جا پالڻهار! هتان اسان کي ٻاهر ڪڍ! پوءِ جيڪڏهن موٽي (ڪفر) ڪريون تہ بيشڪ اسين ظالم ٿيون. (الله) فرمائيندو

وَلَا تُكَلِّمُوْنِ ﴿١٠٨﴾ اِنَّهٗ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْ عِبَادِىْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ

۽ نہ ڳالهايو مون سان. بيشڪ هڪ جماعت هئي منهنجن ٻانهن جي چوندا هئا اي رب اسان جا

تہ منجهس خوار پيا رهو ۽ مون سان نہ ڳالهايو. ڇو تہ منهنجن ٻانهن مان هڪ ٽولي هئي جا چوندي هئي تہ. اي اسان جا پالڻهار!

اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ فَاتَّخَذْتُمُوْهُمْ

اسان ايمان آندو آهي پوءِ بخش اسان کي ۽ رحم ڪر اسان تي ۽ تون ئي ڀلو ٻاجهارو آهين. پوءِ ورتو توهان انهن کي

اسان ايمان آندو تنهن ڪري اسان کي بخش ۽ اسان تي رحم ڪر جو تون (سڀ کان) چڱو ٻاجهارو آهين. پوءِ (اوهين) کين

سِخْرِيًّا حَتّٰٓى اَنْسَوْكُمْ ذِكْرِيْ وَكُنْتُمْ مِّنْهُمْ تَضْحَكُوْنَ ﴿١١٠﴾ اِنِّيْ

مسخري ڪري نيٺ وسارايائون توهان کان منهنجو ذڪر ۽ توهان انهن تي کلندا هئا. مان

مذاق ڪري ورتو جيسين (سندن دشمنيءَ) اوهان (جي دلين) کان منهنجي يادگيري وسارائي ۽ اوهين مٿن کليو ٿي. بيشڪ

جَزَيْتُهُمُ الْيَوْمَ بِمَا صَبَرُوْٓا ۙ اَنَّهُمْ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿١١١﴾ قٰلَ كَمْ لَبِثْتُمْ

بدلو ڏنو انهن کي اڄ سندن صبر جي ڪري بيشڪ اهي ڪامياب آهن. فرمايائين ڪيترو ٽڪيا آهيو

اڄ کين بدلو ڏنم. انهيءَ ڪري جو صبر ڪيو هئائون (۽ هيءُ) ته اهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن. (الله) فرمائيندو ته زمين ۾

فِي الْاَرْضِ عَدَدَ سِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ فَسْـَٔلِ

زمين ۾ انداز سالن جو؟ چوندا ٽڪيا آهيون هڪ ڏينهن يا اڌ ڏينهن پڇا ڪر

(اوهين) ڪيترا ورهيه رهيا هيو؟ چوندا ته هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو پاڳو رهياسون پوءِ ڳڻيندڙن کان پڇا ڪر.

الْعَآدِّيْنَ ﴿١١٣﴾ قٰلَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا لَّوْ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١١٤﴾

ڳڻيندڙن کان. فرمايائين رڳو ٽڪيا آهيو ٿورڙو جيڪڏهن توهان ڄاڻو ها.

(الله) فرمائيندو ته ٿوريءَ (دير) کان سواءِ نه رهيا هيو جيڪر اوهين ڄاڻو ها.

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿١١٥﴾

ڇا پوءِ توهان ڀانيو هئو ته اسان پيدا ڪيو آهي توهان کي اجايو ۽ توهان اسان ڏانهن نه موٽايا ويندؤ؟

اوهين ڀانيو ٿا ڇا ته اوهان کي اجايو بڻايو اٿئون ۽ اوهين اسان ڏانهن وري نه موٽايا ويندؤ.

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ رَبُّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمِ ﴿١١٦﴾

پوءِ مٿاهون آهي الله بادشاهه سچو. ناهي ڪوئي حاڪم انهي ڪانسواءِ. پروردگار عرش عزت واري جو.

پوءِ الله سچو بادشاهه تمام مٿاهون آهي، ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، (اهو) سڳوري عرش جو رب آهي.

وَمَنْ يَّدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۙ لَا بُرْهَانَ لَهٗ بِهٖ ۙ فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ

۽ جيڪو سڏيندو گڏ الله سان ٻئي خدا کي ناهي ڪوئي ثبوت ان وٽ انهي جو پوءِ رڳو ان جو حساب آهي

۽ جيڪو الله سان گڏ ٻئي معبود کي سڏيندو جنهن جو ڪيس ڪو دليل ڪونهي، تنهن جو حساب

عِنْدَ رَبِّهٖ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿١١٧﴾ وَقُلْ رَّبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ

سندس رب وٽ. بيشڪ نه ڇٽندا ڪافر. ۽ چؤ اي منهنجا رب بخش ۽ رحم ڪر

سندس پالڻهار وٽ ئي آهي، سچ آهي ته ڪافر نه ڇٽندا. ۽ چئو ته، اي منهنجا پالڻهارا بخش ۽ رحم ڪر.

ع ٦ وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١١٨﴾ ع

۽ تون ئي سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين.

۽ تون (سڀني) ٻاجهارن کان چڱو آهين.

سُوْرَةُ النُّوْرِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ۶۴ رُكُوْعَاتُهَا ۹

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سُوْرَةٌ اَنْزَلْنٰهَا وَفَرَضْنٰهَا وَاَنْزَلْنَا فِيْهَآ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمْ

هي سورت آهي جا اسان نازل ڪئي آهي ۽ ان جا حڪم فرض آهن ۽ اسان لاٿيون آهن ان ۾ آيتون چٽيون ته جيئن توهان

(هيءَ هڪ) سورت آهي جا نازل ڪئي سون ۽ اُن (جي حڪمن) کي فرض ڪيوسون ۽ منجهس پڌريون آيتون نازل ڪيون

تَذَكَّرُوْنَ ۝۱ اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا مِائَةَ

ياد ڪريو. ڪاري ۽ ڪارو پوءِ هڻو هر هڪ کي انهن ٻنهي مان سؤ

سون. ته مَن اوهين نصيحت وٺو. ۽ زنا ڪندڙ عورت ۽ زنا ڪندڙ مرد ٻنهي منجهان هرهڪ کي سئو دُرا هڻو

جَلْدَةٍ ۪ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ

لڪڻ ۽ نه وٺي توهان کي ٻنهي تي نرمي الله جي دين ۾ جي توهان

۽ جيڪڏهن اوهين الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو ته الله جي دين ۾ اوهان کي انهن ٻنهي تي نرمي ڪرڻ نه

تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ

يقين رکو ٿا الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي، ۽ پيا ڏسن انهن جي سزا کي ڪجهه

جڳائي ۽ مؤمنن مان هڪ ٽوليءَ کي انهن ٻنهي جي سزا تي حاضر ٿيڻ گهرجي.

مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝۲ اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوْ مُشْرِكَةً ۫ وَّالزَّانِيَةُ

مسلمان. بدڪار مرد نڪاح نه ڪندو مگر بدڪار عورت سان يا مشرڪ عورت سان ۽ بدڪار عورت.

زنا ڪندڙ مرد. زنا ڪندڙ عورت يا مشرڪياڻيءَ کان سواءِ ٻي نه پرڻبو ۽ زنا ڪندڙ عورت. ڪيس زنا

لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ۝۳

نڪاح نه ڪندوان سان مگر بدڪار مرد يا مشرڪ، ۽ منع ٿيل آهي اها (بدڪاري) ايمان وارن تي.

ڪندڙ مرد يا مشرڪ کان سواءِ ٻيو نه پرڻبو ۽ اهو (زنا ڪندڙ زائفان سان نڪاح ڪرڻ) مؤمنن تي حرام ڪيو ويو آهي.

وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَاْتُوْا بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ

۽ جيڪي تهمت ڏين ٿا پاڪدامن عورتن کي پوءِ نه ٿا پيش ڪن چار شاهد

۽ جيڪي پاڪدامن عورتن تي تهمت لائين وري چار شاهد نه آڻين

فَاجْلِدُوْهُمْ ثَمٰنِيْنَ جَلْدَةً وَّلَا تَقْبَلُوْا لَهُمْ شَهَادَةً اَبَدًا ۚ

ته هڻو انهن کي اسي لڪڻ ۽ نه قبول ڪريو انهن جي شاهدي ڪڏهن به.

ته کين اسي دُرا هڻو ۽ انهن جي گواهي ، اصلي قبول نه ڪريو.

وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ
۽ اهي ئي ڏوهدار آهن. مگر جن توبهہ ڪئي انهيءَ کان پوءِ
۽ اهي ئي بي دين آهن. پر هن کان پوءِ جن توبهه ڪئي ۽

وَاَصْلَحُوْا ۚ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾ وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ
۽ پاڻ سڌاريائون ته الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ جيڪي تهمت ڏين ٿا پنهنجن زالن کي
پاڻ سڌاريو، ته الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ جيڪي پنهنجين زالن کي تهمت لائين

وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّآ اَنْفُسُهُمْ فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ
۽ ناهن انهن تي شاهد پاڻ کان سواءِ ته شاهدي اهڙي هڪ جي چار ڀيرا
۽ ڪين پاڻ کان سواءِ ڪي شاهد نه هجن ته اهڙي هرهڪ جي (سچي) شاهدي چار ڀيرا (هيئن ڏيڻ) آهي

شَهٰدٰتٍۢ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾ وَالْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ
شاهدي ڏيڻ آهي الله جي قسم سان ته اهو پاڻ سچو آهي. ۽ پنجين ڀيرا ته الله جي لعنت پئي
ته الله جو قسم آهي! ته بيشڪ پاڻ سچ چوندڙن مان آهي. ۽ پنجون ڀيرو چوي ته جيڪڏهن

عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٧﴾ وَيَدْرَؤُا عَنْهَا الْعَذَابَ
مٿس جيڪڏهن آهي ڪوڙ ڳالهائيندڙن مان. ۽ ٽاريندي عورت کان سزا کي
ڪوڙن مان هوندو ته مٿس الله جي لعنت هجي: ۽ ان زال کان (هيءَ ڳالهه) سزا ٽاريندي

اَنْ تَشْهَدَ اَرْبَعَ شَهٰدٰتٍۢ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٨﴾ ۙ
سندس شاهدي ڏيڻ چار ڀيرا شاهدي الله جي قسم سان ته اهو مرد ڪوڙو آهي.
جو چار ڀيرا شاهدي ڏئي ته الله جو قسم آهي ته بيشڪ اهو مڙس ڪوڙ چوندڙن مان آهي.

وَالْخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيْهَآ اِنْ كَانَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٩﴾
۽ پنجين ڀيرا ته الله جو ڏمر هجي مٿس جيڪڏهن اهو مرد سچ ڳالهائيندڙ آهي.
۽ پنجون ڀيرو (هيءَ شاهدي ڏئي) ته جيڪڏهن اهو مڙس سچن مان آهي ته اُن (يعني زال) تي الله جو ڏمر هجي.

وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ وَاَنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾ ع
۽ جي نه هجي ها الله جو فضل توهان تي ۽ سندس رحمت! ۽ بيشڪ الله توبهہ قبوليندڙ حڪمت وارو آهي.
۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهه نه هجي ها (ته عذاب ٿيو ها) ۽ بيشڪ الله توبهه قبول ڪندڙ حڪمت وارو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ ۭ لَا تَحْسَبُوْهُ شَرًّا لَّكُمْ ۭ
بيشڪ جن آندو بهتان اهو ٽولو آهي توهان مان. نه ڀانيو انهي کي برو پاڻ لاءِ.
بيشڪ جن ڪوڙو بهتان آندو سي اوهان مان ئي هڪ ٽولي آهن. (اوهين) اُن (بهتان) کي نه ڀانيو ته اوهان لاءِ (ڪو) خراب آهي.

بَلۡ هُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ ؕ لِكُلِّ امۡرِیٴٍ مِّنۡهُمۡ مَّا اكۡتَسَبَ مِنَ الۡاِثۡمِ ۚ
پر اهو ڀلو آهي اوهان لاءِ، هرهڪ ماڻهو لاءِ آهي انهن مان جيترو ڪيائين گناهه.
بلڪ اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي. منجهانئن سڀ ڪنهن ماڻهوءَ گناهه مان جيڪي ڪمايو سو، سندس لاءِ آهي.

وَالَّذِىۡ تَوَلّٰى كِبۡرَهٗ مِنۡهُمۡ لَهٗ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿۱۱﴾ لَوۡلَاۤ اِذۡ سَمِعۡتُمُوۡهُ
۽ جنهن کنيو وڏو بار انهن مان ان لاءِ آهي عذاب وڏو. توهان جڏهن ٻڌو هوان کي ڇو نہ
۽ منجهانئن جنهن بهتان جو وڏو لڙ مچايو تنهن لاءِ وڏو عذاب آهي. جڏهن اهو ٻڌو تڏهن

ظَنَّ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتُ بِاَنۡفُسِهِمۡ خَيۡرًا ۙ وَّقَالُوۡا هٰذَاۤ
گمان ڪيو هئو مومنن ۽ مومنياڻين پنهنجي دلين ۾ چڱو ۽ چون ها هي
مؤمن مردن ۽ مؤمن زالن پنهنجن (هم دينن) ۾ چڱو گمان ڇو نہ ڪيو؟ ۽ ڇو نہ چيائون تہ هي

اِفۡكٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۲﴾ لَوۡلَا جَآءُوۡ عَلَيۡهِ بِاَرۡبَعَةِ شُهَدَآءَ ۚ فَاِذۡ لَمۡ يَاۡتُوۡا
ڪوڙ آهي پڌرو. ڇو نہ آندائون ان تي چار شاهد، پوءِ جڏهن نہ آندائون
پڌرو بهتان آهي؟. ان (ڳالهه) تي چار شاهد ڇو نہ آندائون؟ پوءِ جڏهن شاهد نہ آندائون

بِالشُّهَدَآءِ فَاُولٰٓئِكَ عِنۡدَ اللّٰهِ هُمُ الۡكٰذِبُوۡنَ ﴿۱۳﴾ وَلَوۡلَا
شاهد تہ اهي ئي الله وٽ ڪوڙا آهن. ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها
تڏهن اهي ئي الله وٽ ڪوڙا آهن. ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهہ

فَضۡلُ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَتُهٗ فِى الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ لَمَسَّكُمۡ فِىۡ مَاۤ
الله جي مهرباني توهان تي ۽ سندس ٻاجهہ دنيا ۽ آخرت ۾ تہ پهچي ها توهان کي جنهن ۾
دنيا ۽ آخرت ۾ اوهان تي نہ هجي ها تہ جنهن (ڳالهه) بابت چرچو مچايو (تنهن بابت) اوهان کي

اَفَضۡتُمۡ فِيۡهِ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿۱۴﴾ اِذۡ تَلَقَّوۡنَهٗ بِاَلۡسِنَتِكُمۡ وَتَقُوۡلُوۡنَ
توهان ڪاهي پيا هئا عذاب وڏو. جڏهن توهان هلائڻ لڳا ان کي پنهنجي زبانن سان ۽ چئو پيا
(تڏهن ئي) وڏو عذاب پهچي ها. جڏهن ان کي پنهنجن زبانن سان ٻاڦيندا رهيو ۽ جنهن (ڳالهه جي حقيقت

بِاَفۡوَاهِكُمۡ مَّا لَيۡسَ لَكُمۡ بِهٖ عِلۡمٌ وَّتَحۡسَبُوۡنَهٗ هَيِّنًا ۖ وَّهُوَ عِنۡدَ
پنهنجن واتن سان جنهنجي نہ هئي توهان کي حقيقت ۽ سمجهو پيا ان کي هلڪو ۽ اهو آهي
جي اوهان کي ڪا خبر نہ هئي سا پنهنجن واتن سان چوندا رهيو ۽ انکي هلڪو ٿي ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري) اهو

اللّٰهِ عَظِيۡمٌ ﴿۱۵﴾ وَلَوۡلَاۤ اِذۡ سَمِعۡتُمُوۡهُ قُلۡتُمۡ مَّا يَكُوۡنُ لَنَاۤ اَنۡ
الله وٽ وڏو. ڇو نہ جڏهن ٻڌو هئو توهان ان کي چيو توهان ناهي لائق اسان کي جو
الله وٽ وڏو (گناهه) هو. ۽ جڏهن اهو ٻڌو (تڏهن) ڇو نہ چيو تہ اسان کي اهو چوڻ نہ جڳائيندو آهي.

نَّتَكَلَّمَ بِهٰذَا ۖ سُبْحٰنَكَ هٰذَا بُهْتَانٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۶﴾ يَعِظُكُمُ اللّٰهُ

گفتگو ڪريون ان ۾ پاڪ آهي تنهنجي ذات هي آهي بهتان وڏو. سيکت ڏئي ٿو توهان کي الله

(اي الله!) تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا، هي وڏو بهتان آهي. الله اوهان کي نصيحت ٿو ڪري

اَنْ تَعُوْدُوْا لِمِثْلِهٖٓ اَبَدًا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷﴾ وَيُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ

متان وري ڪريو اهڙو ڪم ڪڏهن جيڪڏهن آهيو توهان ايمان وارا. ۽ بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ

ته جيڪڏهن مومن آهيو ته (بيهر) وري اصلي اهڙو (ڪم) نه ڪجو. ۽ الله اوهان لاءِ آيتون بيان ٿو ڪري

الْاٰيٰتِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۸﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ

آيتون، ۽ الله داناءُ آهي حڪمت وارو آهي. جيڪي ماڻهو چاهين ٿا ته پکڙجي

۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. بيشڪ جيڪي (ماڻهو) مومنن (جي نسبت) ۾ بدڪاريءَ (جي تهمت) جي

الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ

بي حيائي مسلمانن ۾ تن لاءِ آهي عذاب دردناڪ دنيا ۽ آخرت ۾.

پڌري ٿيڻ کي دوست رکندا آهن تن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ

۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نه ٿا ڄاڻو. ۽ جي نه هجي ها مهرباني الله جي توهان تي ۽

۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نه ڄاڻندا آهيو. ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجھ نه هجي ها

النصف ع ۱۰ رَحْمَتُهٗ وَاَنَّ اللّٰهَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۰﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

سندس رحمت ۽ بيشڪ الله نرمي ڪندڙ مهربان آهي. اي اهي جن ايمان آندو

(ته ضرور خراب ٿيو ها) ۽ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارو!

لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ وَمَنْ يَّتَّبِعْ خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ

نه هلو شيطان جي وکن تي، ۽ جيڪو هلندو شيطان جي وکن تي

اوهين شيطان جي وکن تي نه هلو ۽ جيڪو شيطان جي وکن تي هلندو ته شيطان ته بي حيائيءَ

فَاِنَّهٗ يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ

پوءِ اهو حڪم ڪندو آهي بيحيائي ۽ بڇڙي ڪم جو، ۽ جيڪڏهن نه هجي ها مهرباني الله جي توهان تي ۽

(جون ڳالهيون) ۽ گندا ڪم ڏسيندو آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجھ نه هجي ها

رَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا ۙ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

سندس رحمت ته نه سڌري ها توهان مان ڪوئي ڪڏهن به، پر الله سڌاري ٿو جنهنکي گهري،

ته اوهان مان ڪو هڪ ڪڏهن نه سڌري ها پر الله جنهن کي گهرندو آهي (تنهن کي) پاڪ

وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ وَلَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ

۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ نه قسم کڻي فضيلت وارو توهان مان ۽ ڪشادگي وارو

ڪندو آهي. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ اوهان مان فضل وارا ۽ آسودا.

اَنْ يُّؤْتُوْٓا اُولِي الْقُرْبٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ

امداد ڏيڻ کان مائٽن ۽ غريبن ۽ هجرت ڪندڙن کي الله جي راهه ۾.

مائٽيءَ وارن ۽ مسڪينن ۽ الله جي وات ۾ وطن ڇڏيندڙن کي (ڪجهه به) نه ڏيڻ جو قسم نه کڻن

وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ۭ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

۽ پل معاف ڪن ۽ تري وڃن. ڇا نه تا چاهيو ته بخشي . الله توهان کي، ۽ الله بخشڻهار

۽ جڳائي ته معاف ڪن ۽ ٽارو ڪن! اوهين نه گهرندا آهيو ڇا ته الله اوهان کي بخشي؟ ۽ الله بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿٢٢﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغٰفِلٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ لُعِنُوْا

مهربان آهي. جيڪي ماڻهو تهمت ڏين ٿا پاڪدامن بي خبر ايمان وارين عورتن کي اهي لعنت ڪيا ويا

مهربان آهي. بيشڪ جيڪي (ماڻهو) پاڪدامن بيخبر مومنياڻين تي تهمت لائيندا آهن،

فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۠ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ يَّوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ

دنيا ۾ آخرت ۾ ۽ انهن لاءِ آهي عذاب وڏو. جنهن ڏينهن شاهدي ڏيندين انهن تي

تن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي ۽ انهن لاءِ (اُنهيءَ ڏينهن) وڏو عذاب آهي. اُنهن جيڪي ڪمايو هو تنهن بابت سندن زبانون

اَلْسِنَتُهُمْ وَاَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾ يَوْمَىِٕذٍ

سندن زبانون ۽ سندن هٿ ۽ پيران جي جيڪي ڪندا هئا . ان ڏينهن

۽ سندن هٿ ۽ سندن پير جنهن ڏينهن مٿن شاهدي ڏيندا. اُن ڏينهن الله کين

يُّوَفِّيْهِمُ اللّٰهُ دِيْنَهُمُ الْحَقَّ وَيَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ ﴿٢٥﴾

پوري ڏيندو انهنکي الله سندن سزا حق واري ۽ ڄاڻندا ته بيشڪ الله ئي سچو آهي، کولي ٻڌائيندڙ آهي.

انصاف سان سندن بدلو پورو ڏيندو، ۽ (اهو) ڄاڻندا ته الله ئي سچو پڌري ڪرڻ وارو آهي.

اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَالْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ ۚ وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ

بڇڙيون آهن بڇڙن لاءِ ۽ بڇڙا بڇڙين لاءِ، ۽ چڱيون آهن چڱن لاءِ

پليت زالون پليت مردن لاءِ (لائق) آهن پليت مرد پليت زالن لاءِ (لائق) آهن ۽ پاڪ زالون پاڪ مردن لاءِ (لائق) آهن

وَالطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ ۚ اُولٰۗىِٕكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ ۭ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ

۽ چڱا چڱين لاءِ، اهي آجا آهن ان کان جيڪي کين چون ٿا. انهن لاءِ بخشش

۽ پاڪ مرد پاڪ زالن لاءِ (لائق) آهن، (انهن جي بنسبت ماڻهو) جيڪي چوندا آهن، تنهن (ڳالهه) کان اهي پاڪ آهن،

ع ٣ ٩

وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٦﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ

۽ روزي عزت واري آهي. اي ايمان وارو نہ داخل ٿيو ڪنهن بہ گهر ۾ پنهنجن گهرن کان سواءِ

انهن لاءِ بخشش ۽ سڳوري روزي آهي. اي ايمان وارو! پنهنجن گهرن کان سواءِ ٻين (مالڪن جي) گهرن ۾ (ايسين) نہ گهڙو

حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا وَتُسَلِّمُوْا عَلٰۤى اَهْلِهَا ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ لَعَلَّكُمْ

جيستائين اجازت وٺو ۽ سلام ڇئو انهن گهروارن تي، اهو اٿو بهتر توهان لاءِ جيئن اوهين

جيسين (نہ) موڪلايو ۽ اُن جي رهڻ وارن تي سلام (نہ) ڏيو. اهو اوهان لاءِ چڱو آهي مَن اوهين

تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فِيْهَاۤ اَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوْهَا حَتّٰى يُؤْذَنَ

ياد رکو. پوءِ جيڪڏهن نہ لهو اتي ڪوئي تہ نہ گهڙوان ۾ جيسين موڪل ملي

نصيحت وٺو. پوءِ جيڪڏهن منجهس ڪنهن کي نہ ڏسو تہ اُن ۾ (ايسين) نہ گهڙو جيسين اوهان کي موڪل (نہ) ڏجي

لَكُمْ ۚ وَاِنْ قِيْلَ لَكُمُ ارْجِعُوْا فَارْجِعُوْا هُوَ اَزْكٰى لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا

توهان کي، ۽ جيڪڏهن چيو وڃي توهان کي تہ موٽي وڃو پوءِ موٽي وڃو اهو تمام چڱو آهي توهان لاءِ، ۽ الله توهان جي

۽ جيڪڏهن اوهان کي چئجي تہ موٽو تہ موٽي وڃو. اهو اوهان لاءِ تمام سٺو آهي، ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله

تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا

عملن کي ڄاڻندڙ آهي. ناهي توهان تي ڪو گناهہ جو گهڙي وڃو گهرن ۾

ڄاڻندڙ آهي. اهڙن گهرن ۾ گهڙڻ کان اوهان کي ڪو گناهہ ڪونهي جنهن ۾ ڪوئي نہ رهندو هجي، منجهس

غَيْرَ مَسْكُوْنَةٍ فِيْهَا مَتَاعٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا تَكْتُمُوْنَ ﴿٢٩﴾

جيڪي رهائشي نہ آهن. اتي سامان آهي توهانجو، ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي لڪايو ٿا.

اوهان جو سامان (رکيل) هجي، ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو، سو الله ڄاڻندو آهي.

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ وَيَحْفَظُوْا فُرُوْجَهُمْ ؕ ذٰلِكَ

چؤ مسلمانن کي تہ جهڪائين پنهنجون نگاهون ۽ بچائن پنهنجون اگهڙون. اهو

مؤمنن کي چئو تہ پنهنجين اکين کي هيٺ ڪن ۽ پنهنجين اوگهڙن کي بچائيندا رهن. اِهو

اَزْكٰى لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَقُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ

تمام چڱو آهي انهن لاءِ، بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا. ۽ چؤ ايمان وارين کي تہ هيٺ ڪن

انهن لاءِ تمام سٺو آهي، جيڪي ڪندا آهن، تنهن جي بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي. ۽ مؤمنياڻين کي چئو تہ پنهنجيون

مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَيَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا

پنهنجون اکيون ۽ بچائين پنهنجون اگهڙون ۽ نہ ظاهر ڪن پنهنجي زينت مگر جا

اکيون جهڪيون ڪن ۽ پنهنجن اوگهڙن کي بچائينديون رهن ۽ پنهنجي سينگار (يعني زيورن جي جاين) کي ظاهر نہ ڪن، پر

ظَهَرَ مِنْهَا وَلْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ ص وَلَا يُبْدِيْنَ

ظاهر ٿيئي آهي ۽ وجهن پنهنجن ڳوٽن کي پنهنجن گريبانن تي ۽ نہ ظاهر ڪن

انهن مان جيڪي ظاهر (ضروري) آهن (جهڙا هٿ پير). ۽ جڳائين تہ پنهنجين چادرن کي پنهنجن گريبانن تي لاهي ڇڏين. ۽

زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اٰبَآئِهِنَّ اَوْ اٰبَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اَبْنَآئِهِنَّ

پنهنجي زينت مگر پنهنجن مڙسن لاءِ يا پنهنجن ابن يا مڙسن جي ابن يا پٽن پنهنجن

پنهنجن مڙسن يا پنهنجن پين يا پنهنجن سهرن يا پنهنجن پٽن

اَوْ اَبْنَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْٓ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْٓ اَخَوٰتِهِنَّ

يا پٽن پنهنجي مڙس جي لاءِ يا پنهنجن ڀائرن لاءِ يا ڀائٽين يا ڀاڻيجن لاءِ

يا پنهنجن مڙسن جي پٽن يا پنهنجن ڀائرن يا پنهنجن ڀائٽين يا پنهنجن ڀاڻيجن

اَوْ نِسَآئِهِنَّ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيْنَ غَيْرِ اُولِي الْاِرْبَةِ

يا پنهنجن عورتن يا ٻانهين لاءِ يا اهڙن نوڪرن لاءِ جي نہ آهن خواهش وارا

يا پنهنجن (مسلمان) زائفن يا پنهنجن ٻانهن يا خدمتگار مردن مان (عورتن ڏانهن) اڻ خواهش وارن

مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفْلِ الَّذِيْنَ لَمْ يَظْهَرُوْا عَلٰى عَوْرٰتِ النِّسَآءِ ص

مرد يا اهي ڇوڪرا جي نہ تا سمجهہ رکن عورتن جي اگهڙن تي

يا جن ٻارن کي عورتن جي اوگهڙ جو سماءُ نہ پوي تن کان سواءِ ٻين (سيني) جي اڳيان پنهنجو سينگار ظاهر نہ ڪن

وَلَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ط وَتُوْبُوْٓا

۽ نہ هڻن پير پنهنجا اهڙا جو معلوم ٿئي اهو جو لڪائن ٿيون پنهنجن زيورن مان، ۽ رجوع ٿيو

۽ پنهنجن پيرن سان (زيور) هن لاءِ نہ ڇمڪائين تہ سندن سينگار مان جيڪي ڳجهو آهي، سو ڄاتو وڃي. ۽

اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٣١﴾ وَاَنْكِحُوا الْاَيَامٰى

الله جي طرف سمورا اي ايمان وارو جيئن توهان ڪامياب ٿيو. ۽ شادي ڪرايو پنهنجن ويڌل

اي مسلمانو! اوهين مڙيئي الله جي اڳيان توبهہ ڪريو تہ مَن اوهين ڇُٽو. ۽ پنهنجيءَ (قوم) مان رنڍن زالن کي پرڻايو

مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَاِمَآئِكُمْ ط اِنْ يَّكُوْنُوْا فُقَرَآءَ

عورتن جي ۽ پنهنجن نيڪ ٻانهن ۽ ٻانهين جي، جيڪڏهن هوندا مسڪين تہ

۽ پنهنجن ٻانهن ۽ پنهنجين ٻانهين مان نيڪن کي (بہ پرڻايو). جيڪڏهن (هو) غريب هوندا تہ

يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ط وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٢﴾ وَلْيَسْتَعْفِفِ

آسودو ڪندو انهن کي الله پنهنجي فضل سان، ۽ الله ڪشادگي ڏيندڙ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. ۽ پرهيز ڪن

الله پنهنجي فضل سان کين آسودو ڪندو، ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪي

الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغْنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَالَّذِيْنَ

جيڪي نہ ٿا پهچن نڪاح کي جيسين آسودو ڪرين الله پنهنجي مهر سان، ۽ جيڪي

پرڻجي نہ ٿا سگهن، تن کي ايسين پاڪدامن رهڻ گهرجي، جيسين کين الله پنهنجي فضل سان آسودو ڪري.

يَبْتَغُوْنَ الْكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ فَكَاتِبُوْهُمْ اِنْ عَلِمْتُمْ فِيْهِمْ

گهرن ٿا دستاويز توهان جي ٻانهن مان پوءِ لکي ڏيو انهن کي جيڪڏهن سمجهو ٿا انهن ۾

۽ اوهان جي ٻانهن مان جيڪي (آزاديءَ لاءِ عيوض ڏيڻ جو) لکيل انجام گهرن تن ۾ جيڪڏهن ڪا چڱائي ڄاڻو تہ

خَيْرًا ۖ وَّاٰتُوْهُمْ مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْٓ اٰتٰىكُمْ ؕ وَلَا تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ

ڪا چڱائي، ۽ ڏيو انهن کي الله جي مال مان . جيڪو ڏنو اٿائين توهان کي، ۽ نہ مجبور ڪريو پنهنجين ڇوڪرين کي

کين لکيل انجام ڏيو ۽ جيڪو مال الله اوهان کي ڏنو آهي، تنهن مان کين ڏيو ۽ اوهانجيون ٻانهيون جيڪڏهن

عَلَى الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ

بدڪاريءَ تي، جڏهن اهي چاهين ٿيون شادي ڪي، تہ جيئن ڪمايو سامان دنيا جي حياتي جو، ۽

پاڪدامن رهڻ جو ارادو ڪن ٿيون انهن کي اوهين دنيا جي حياتيءَ جي سامان حاصل ڪرڻ لاءِ بدڪاريءَ تي زور نہ

مَنْ يُّكْرِهْهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنْۢ بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ٣٣ وَلَقَدْ

جيڪو مجبور ڪندو انهن کي پوءِ بيشڪ الله انهن جي مجبوريءَ بعد بخشڻهار مهربان آهي. ۽ تحقيق

ڪريو. ۽ جيڪو کين زور ڪندو تہ زور ڪرڻ کان پوءِ انهن (ٻانهين) کي الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ بيشڪ

اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ وَّمَثَلًا مِّنَ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ

اسان نازل ڪيون آهن توهان ڏانهن آيتون پڌريون ۽ بيان انهن جو جيڪي گذريا آهن توهان کان اڳ

اوهان ڏانهن چٽيون نشانيون ۽ جيڪي اوهان کان اڳ گذري ويا تن جا مثال ۽ پرهيزگارن

وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ٣٤ اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ مَثَلُ نُوْرِهٖ

۽ نصيحت پرهيزگارن لاءِ. الله روشن ڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين کي، ان جي روشني جو مثال

لاءِ نصيحت لاٿي سون. الله آسمانن ۽ زمين کي روشن ڪندڙ آهي، سندس نور جو مثال

كَمِشْكٰوةٍ فِيْهَا مِصْبَاحٌ ؕ اَلْمِصْبَاحُ فِيْ زُجَاجَةٍ ؕ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا

جاري جهڙو آهي جنهن ۾ ٻتي هجي، اها ٻتي هجي ڪائي ۾، اهو ڪائو ڄڻ تہ آهي

انهيءَ جاري وانگر آهي، جنهن ۾ ڏيو هجي، ڏيو قنديل ۾ هجي، اهو قنديل ڄڻڪ چمڪندڙ ستارو

كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُّوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّلَا

تارو چمڪندڙ اها ٻاريل آهي برڪت واري وڻ زيتون مان جو نہ اوڀر وارو ۽ نہ

آهي، جو انهيءَ برڪت واري زيتون جي وڻ (جي تيل) مان ٻار جي جو نڪي اوڀر ۽ نڪي اولهہ (جمندو) آهي.

غَرْبِيَّةٍ ۙ يَّكَادُ زَيْتُهَا يُضِيْٓءُ وَلَوْ لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ ۭ نُوْرٌ عَلٰي نُوْرٍ ۭ

اولهه وارو، اجهو تو تيل ان جو روشني ڪري توڻي جو نہ لڳي انکي باهہ. نور عليٰ نور،

سندس تيل جيتوڻيڪ باه نہ پهتي هجي تہ بہ سوجهري ڪرڻ کي ويجهو آهي. نور تي نور آهي.

يَهْدِي اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ ۭ

راهه ڏيکاري ٿو الله پنهنجي نور جي جنهنکي گهري، ۽ بيان ڪري ٿو الله مثال ماڻهن جي لاءِ،

الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي پنهنجي نور سان سڌو رستو ڏيکاريندو آهي. ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪندو آهي ۽

وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (٣٥) ۙ فِيْ بُيُوْتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنْ تُرْفَعَ وَيُذْكَرَ

۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. انهن گهرن ۾ جو حڪم ڪيو آهي الله تہ بلند ڪيو وڃن ۽ ياد ڪيو وڃي

الله سڀني شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. (انهيءَ نور جو هنڌ) انهن گهرن ۾ (آهي) جن لاءِ الله حڪم ڪيو آهي تہ انهن جي

فِيْهَا اسْمُهٗ ۙ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ (٣٦) ۙ رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ

انهن ۾ سندس نالو، تسبيح پڙهن ٿا ان جي اتي صبح ۽ شام. اهي مرد جنکي نہ ٿو غافل ڪري

تعظيم ڪجي ۽ انهن ۾ سندس نالو ياد ڪجي، انهن ۾ صبح ۽ سانجهيءَ جو الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن. (يعني اهڙا)

تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَاِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَاۗءِ الزَّكٰوةِ ۽

واپار ۽ نہ وڪرو الله جي ذڪر کان ۽ قائم ڪرڻ نماز ۽ ڏيڻ زڪوات کان

مڙس جو کين نکي واپار ۽ نکي سودو الله جي ياد ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان جهليندو آهي.

يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَالْاَبْصَارُ (٣٧) ۙ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ

اهي ڊڄن ٿا اهڙي ڏينهن کان جو ڦري وينديون ان ۾ دليون ۽ اکيون. جيئن بدلو ڏئي انهنکي الله

انهيءَ ڏينهن کان ڊڄندا آهن، جنهن ۾ دليون ۽ اکيون اٻتيون ٿينديون!. هن لاءِ تہ جيڪي تمام چڱا عمل ڪيائون، تن جو کين

اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۭ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَاۗءُ

وڌيڪ ڀلو سندن عملن کان ۽ وڌائي انهنکي پنهنجي فضل سان، ۽ الله رزق ڏئي ٿو جنهن کي چاهي

الله بدلو ڏئي ۽ کين پنهنجي فضل سان وڌيڪ بہ ڏئي، ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي (تنهن کي) اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي.

بِغَيْرِ حِسَابٍ (٣٨) وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۢ بِقِيْعَةٍ يَّحْسَبُهُ

بي حساب. ۽ اهي جن ڪفر ڪيو انهن جا عمل آهن جهڙي رڃ رڻ پٽ ۾ پاڻي ٿو ان کي

۽ جن ڪفر ڪيو، تن جا اعمال رڻ پٽ جي رڃ وانگر آهن، جو اڃيو ان کي پاڻي ڀانئي،

الظَّمْاٰنُ مَاۗءً ۭ حَتّٰٓي اِذَا جَاۗءَهٗ لَمْ يَجِدْهُ شَيْـــًٔا وَّوَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ

اڃايل پاڻي، نيٺ جڏهن ايندو ان وٽ تہ نہ لهندو اتي ڪا شيءِ ۽ لهندو الله کي پاڻ وٽ

تان جو جڏهن ان وٽ اچي (تڏهن) ان کي ڪا شيءِ نہ لهي ۽ الله کي ئي ان وٽ لهي

فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ؕ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۳۹﴾ۙ اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ

پوءِ پورو ڏيندوان کي سندس حساب ۽ الله تکڙو حساب وٺندڙ آهي. يا جهڙيون اونداهيون هجن درياءَ

جو اهو کيس سندس حساب پورو پهچائي ڏئي ۽ الله جلد حساب وٺندڙ آهي. يا (ڪافرن جي اعمالن جو مثال) اونداهين

لُّجِّيٍّ يَّغْشٰىهُ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ

اونهي ۾ جنهنکي ڍڪي لهر جنهن جي مٿان هجي لهر ان جي مٿان ڪڪر، اهي اونداهيون آهن

وانگر آهي جو اونهي درياءَ ۾ لهرين جي مٿان لهرين ويڙهيس مٿانئس جهڙ هجي. هڪ ٻئي جي مٿان (آهي)

بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ؕ اِذَآ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ يَكَدْ يَرٰىهَا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَجْعَلِ

هڪٻئي جي مٿان، جڏهن اهو ٻاهر ڪڍي پنهنجو هٿ ته نه ڏسي سگهي ان کي. ۽ اهو جنهن لاءِ نه ڪري

اونداهيون هجن. جڏهن پنهنجو هٿ ڪڍي (تڏهن) ان کي ڏسي نه سگهي، ۽ جنهن کي الله سوجهرو نه ڏنو

اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ﴿۴۰﴾ؑ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ

الله روشني پوءِ ناهي ان لاءِ ڪائي روشني. ڇا نه ڏٺئي ته الله جي پاڪائي چون ٿا جيڪي

تنهن کي ڪو سوجهرو ڪونهي. نه ڏٺو اٿئي ڇا؟ ته جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي ۽ کليل پرن

فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ ؕ كُلٌّ قَدْ عَلِمَ صَلَاتَهٗ وَ

آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ اڏامندڙ پکي کنڀ کوليندي، هرهڪ ڄاتي آهي ان جي عبادت ۽

وارا پکي الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن، بيشڪ پنهنجيءَ نماز ۽ پنهنجيءَ تسبيح (پڙهڻ جي طريقي) کان واقف آهن

تَسْبِيْحَهٗ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ

ان جي تسبيح، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي اهي ڪن ٿا. ۽ الله جي آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾،

۽ جيڪي ڪندا آهن، سو الله ڄاڻندڙ آهي. ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت الله جي آهي

وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۴۲﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزْجِيْ سَحَابًا ثُمَّ يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ

۽ الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي. ڇا نه ڏٺو تو جو الله هڪلي ٿو ڪڪر کي پوءِ ملائي ٿو پاڻ ۾

۽ الله ڏانهن ورڻو آهي. (اي پيغمبر!) نه ڏٺو اٿيئي ڇا ته الله ڪڪرن کي هلائيندو آهي، وري انهن کي پاڻ ۾

ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ وَيُنَزِّلُ

پوءِ ڪري ٿو انهي کي هڪٻئي تي تهه پوءِ ڏسين ٿو مينهن کي نڪري پيو انهي جي وچان، ۽ وسائي ٿو

گڏيندو آهي، وري کين تهن تي تهه ڪندو آهي، پوءِ ڦڙي ڏسندو آهين ته سندن وچان نڪرندي آهي ۽ آسمان کان

مِنَ السَّمَآءِ مِنْ جِبَالٍ فِيْهَا مِنْۢ بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَيَصْرِفُهٗ

ڪڪرن جبلن جيڏن مان ڳڙن کي پوءِ پهچائي ٿو ان کي جنهن تي گهري ۽ هٽائي ٿو ان کي

اتي جي ڳڙن جي جبلن مان ڳڙو وسائيندو آهي، پوءِ جنهن کي وڻيس، تنهن کي لڳائيندو آهي ۽ جنهن کان وڻيس

عَنْ مَّنْ يَّشَآءُ ؕ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ بِالْاَبْصَارِ ﴿٤٣﴾ ؕ يُقَلِّبُ اللّٰهُ

جنهن کان گهري، اجهو چمڪارو انجي وڄ جو نئي ٿو اکين کي. ڦيرائي ٿو الله

تنهن کان اهو ٽاريندو آهي، ان (ڪڪر) جي وڄ جو چمڪاٽ (چڻ ته) اجهو اکيون ٿو نئي!. الله

الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿٤٤﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَ

رات ۽ ڏينهن کي، بيشڪ انهيءَ ۾ آهي عبرت اکين وارن لاءِ. ۽ الله پيدا ڪيو

رات ۽ ڏينهن کي مٽائيندو آهي، بيشڪ ان ۾ ڏسڻ وارن لاءِ عبرت آهي. ۽ الله

كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنْ مَّآءٍ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى بَطْنِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ

هر چرندڙ کي پاڻيءَ مان، پوءِ انهن مان ڪو هلي ٿو پيٽ ڀر، ۽ انهن مان ڪو

سيڪو جاندار پاڻيءَ مان بڻايو آهي، پوءِ منجهائن ڪي پنهنجي پيٽ ڀر هلندا آهن ۽ منجهائن ڪي

يَّمْشِيْ عَلٰى رِجْلَيْنِ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰٓى اَرْبَعٍ ؕ يَخْلُقُ اللّٰهُ

هلي ٿو ٻن پيرن تي، ۽ انهن مان ڪو هلي ٿو چئن تي، پيدا ڪري ٿو الله

ٻن پيرن تي هلندا آهن ۽ منجهائن ڪي چئن (پيرن) تي هلندا آهن، الله جيڪي گهرند وآهي، سو پيدا ڪندو

مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٥﴾ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ ؕ

جيڪي چاهي، بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. اسان نازل ڪيون آهن آيتون کولي ٻڌائيندڙ،

آهي، ڇو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. بيشڪ پڌريون آيتون نازل ڪيون سون.

وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤٦﴾ وَيَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا

۽ الله هدايت ڪري ٿو جنهن کي گهري ٿو رستي سڌي ڏانهن. ۽ چون ٿا اسان ايمان آندو

۽ الله جنهن کي گهري تنهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي. ۽ (منافق) چوندا آهن ته الله تي ۽ پيغمبر تي ايمان آندوسون

بِاللّٰهِ وَبِالرَّسُوْلِ وَاَطَعْنَا ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ

الله تي ۽ رسول تي ۽ تابعداري ڪئي سون پوءِ ڦري ٿو وڃي هڪ ٽولو انهن مان ان کان بعد،

۽ فرمانبرداري ڪئي سون، وري ان کان پوءِ منجهائن هڪ ٽولي ڦري وڃي ٿي.

وَمَآ اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَاِذَا دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ

۽ ناهن اهي ايمان وارا. ۽ جڏهن سڏيا وڃن ٿا الله ۽ ان جي رسول ڏانهن جيئن فيصلو ڪري

۽ اهي ايمان وارا نه آهن. ۽ جڏهن الله ۽ سندس پيغبر ڏانهن سڏبا آهن ته سندن وچ ۾ (پيغمبر) نبيرو ڪري

بَيْنَهُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاِنْ يَّكُنْ لَّهُمُ الْحَقُّ يَاْتُوْٓا

انهن جي وچ ۾ ته اوچتو ڪي ماڻهو انهن مان منهن موڙيندڙ آهن. ۽ جيڪڏهن هوندو انهن جو حق ته ايندا

(تڏهن) اُمالڪ منجهائن هڪ ٽولي منهن موڙيندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن (ڪنهن تي) سندن حق هوندو آهي ته

اِلَيْهِ مُذْعِنِيْنَ ﴿٤٩﴾ ط اَفِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَمِ ارْتَابُوْٓا اَمْ يَخَافُوْنَ

انهي ڏانهن قبول ڪندڙ ٿي. ڇا انهن جي دلين ۾ مرض آهي يا شڪ ۾ پيا آهن يا ڊڄن ٿا

پيغمبر ڏانهن ڪنڌ نوائي ايندا آهن. سندين دلين ۾ بيماري آهي ڇا يا شڪ ۾ پيا آهن يا ڊڄندا آهن

اَنْ يَّحِيْفَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَرَسُوْلُهٗ ط بَلْ اُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع اِنَّمَا

تہ متان ظلم ڪري الله انهن تي ۽ رسول ان جو. نہ پر اهي پاڻ ظالم آهن. رڳو

تہ الله ۽ سندس پيغمبر متن ظلم ڪندو؟ (نہ!) بلڪ اهي پاڻ بي انصاف آهن.

كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذَا دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ

هوندو آهي قول مومنن جو جڏهن سڏيا ويندا آهن الله ۽ ان جي رسول ڏانهن جيئن فيصلو ڪري تن جي وچ ۾

جڏهن مومنن کي الله ۽ سندس پيغمبر ڏانهن سڏبو آهي تہ (پيغمبر) سندن وچ ۾ نبيرو ڪري

اَنْ يَّقُوْلُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ط وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٥١﴾ وَمَنْ يُّطِعِ

تہ چوندا آهن ٻڌوسون ۽ چيو ورتوسون ۽ اهي ماڻهوئي ڪامياب آهن. ۽ جيڪو چيو وٺندو

تڏهن انهن جو چوڻ رڳو هيءُ هوندو آهي تہ ٻڌوسون ۽ حڪم مڃيوسون ۽ اِهي ئي ڇٽل آهن. ۽ جيڪو

اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَخْشَ اللّٰهَ وَيَتَّقْهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٥٢﴾

الله ۽ سندس رسول جو ۽ ڊڄندو الله کان ۽ لحاظ ڪندو ان جو پوءِ اهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن.

الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيندو ۽ الله کان ڊڄندو ۽ ان (جي نافرمانيءَ) کان بچندو (تہ) پوءِ اِهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن.

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ اَمَرْتَهُمْ لَيَخْرُجُنَّ ط قُلْ

۽ قسم کڻن ٿا الله جو پڪو ڪندي پنهنجي قسمن کي تہ جيڪڏهن تون حڪم ڪندين تہ ضرور نڪري پوندا. چؤ

۽ الله جا وڏا قسم پڪيءَ طرح کڻندا آهن تہ جيڪڏهن کين (جهاد جي) حڪم ڪرين تہ ضرور (سڀ ڇڏي ڪري پنهنجي ديس مان) نڪرندا.

لَّا تُقْسِمُوْا ج طَاعَةٌ مَّعْرُوْفَةٌ ط اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٣﴾ قُلْ

قسم نہ کڻو. چيو وٺو چڱيءَ طرح. بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. تون چؤ

(اي پيغمبر! کين) چؤ تہ، اوهين قسم نہ کڻو دستوري فرمانبرداري (ڪريو). ڇو تہ جيڪي ڪندا آهيو (تنهن جي) الله خبر رکندڙ آهي. چؤ تہ،

اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ج فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْهِ مَا حُمِّلَ

حڪم مڃيو الله جو ۽ حڪم مڃيو رسول جو. پوءِ جيڪڏهن منهن ڦيريندا تہ رڳو پوندو ان تي جيڪي ان کي ڪٽايو ويو

الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو پوءِ جيڪڏهن ڦرندؤ تہ جيڪي پيغمبر تي (الله جي حڪمن پهچائڻ جو

وَعَلَيْكُمْ مَّا حُمِّلْتُمْ ط وَاِنْ تُطِيْعُوْهُ تَهْتَدُوْا ط وَمَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا

۽ پوندو توهان تي جيڪي توهان کي ڪٽايو ويو. ۽ جيڪڏهن حڪم مڃيندؤ انهي جو تہ هدايت لهندؤ ۽ ناهي رسول تي مگر

حق) رکيو ويو تنهن جو ذمو مٿس ئي آهي ۽ جيڪي اوهان تي رکيو ويو (تنهن تي عمل ڪرڻ جو حق) اوهان تي ئي آهي ۽ جيڪڏهن سندس

اَلْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٥٤﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

پهچائڻ پڌرو. انجام ڏنو الله جن ايمان آندو توهان مان ۽ ڪم ڪيا چڱا تہ

چيو مڃيندو تہ هدايت لهندو ۽ پيغمبر تي تہ رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ (لازم) آهي. اوهان مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کي الله انجام ڏنو

لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠

ضرور حاڪم ڪندو انهن کي ملڪ ۾ جيئن حاڪم ڪيائين انهن کي جيڪي کانئن اڳ هئا

آهي تہ ملڪ ۾ کين ضرور خليفو ڪندو، جيئن کانئن اڳين کي حاڪم ڪيائين ۽ سندن اُنهيءَ دين کي

وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَلَيُبَدِّلَنَّهُمْ

۽ ضرور مضبوط ڪندو انهن لاءِ سندن دين کي جيڪو پسند ڪيو اٿائين انهن لاءِ ۽ ضرور بدلائي ڏيندو انهنکي

جو انهن واسطي پسند ڪيو اٿس، انهن لاءِ ضرور پختو ڪندو ۽ سندن خوف کانپوءِ کين مٽائي امن ڏيندو. (اهي)

مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ؕ يَعْبُدُوْنَنِيْ لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْـًٔا ؕ وَمَنْ كَفَرَ

انهن جي خوف کان پوءِ امن، اهي عبادت ڪندا منهنجي نہ شريڪ ڪندا مون سان ڪنهن کي، ۽ جيڪي انڪار ڪندا

منهنجي عبادت ڪندا رهندا (۽) مون سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪندا، ۽ جيڪي اِن کان پوءِ ناشڪري

بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ

انهي کان پوءِ تہ اهي ئي گنهگار آهن. ۽ قائم ڪيو نماز کي ۽ ڏيو زڪوات

ڪندا سي ئي بي دين آهن. ۽ نماز پڙهو ۽ زڪوات ڏيو ۽ پيغمبر جي

وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

۽ چيو مڃيو رسول جو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي. نہ پائنجانءِ ڪافرن کي

فرمانبرداري ڪريو تہ مَنَ اوهان تي رحم ڪيو وڃي. ڪافرن کي نہ ڀانءِ تہ

مُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۚ وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَلَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٥٧﴾ ع

عاجز ڪندڙ زمين ۾، ۽ جاءِ انهن جي باهہ آهي، ۽ اها بڇڙي آهي جاءِ موٽڻ جي.

زمين ۾ ٿڪائيندڙ آهن، ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي، ۽ البتہ اهو موٽڻ جو هنڌ بڇڙو آهي!.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ وَالَّذِيْنَ

اي اهي جن ايمان آندو اجازت وٺي اچن اوهان کان اوهان جا ٻانها ۽ اوهان جا ٻار

اي ايمان وارؤ! اوهان جي ٻانهن کي ۽ جيڪي اوهان (جي ٻارن) مان بلوغت کي نہ پهتا آهن،

لَمْ يَبْلُغُوا الْحُلُمَ مِنْكُمْ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنْ قَبْلِ صَلٰوةِ الْفَجْرِ

جيڪي نہ پهتا آهن جوانيءَ کي توهان مان ٽي ڀيرا، اڳي صبح جي نماز کان

تن کي ٽي وقت (گهرن ۾ اچڻ لاءِ) اوهان کان موڪلائڻ گهرجي. فجر جي نماز کان اڳ

وَحِيْنَ تَضَعُوْنَ ثِيَابَكُمْ مِّنَ الظَّهِيْرَةِ وَمِنْۢ بَعْدِ صَلٰوةِ

۽ جڏهن لاهي رکو ٿا پنهنجا لٽا منجهند جو ۽ بعد نماز

۽ منجهند جو جڏهن اوهين پنهنجا ڪپڙا لاهي رکندا آهيو ۽ سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ. (جو اهي) اوهان لاءِ

الْعِشَآءِ ۛ ثَلٰثُ عَوْرٰتٍ لَّكُمْ ؕ لَيْسَ عَلَيْكُمْ وَلَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌۢ

سومهڻي جي، اهي ٽي وقت توهان جي اگهڙ جا آهن، ناهي توهان تي ۽ نڪي انهن تي ڪا تنگي

ٽي اوگهڙ (جا وقت) آهن. انهن (وقتن) کان پوءِ (هڪ ٻئي وٽ اوهان جي اچڻ وڃڻ ۾) نڪي اوهان تي ۽

بَعْدَهُنَّ ؕ طَوّٰفُوْنَ عَلَيْكُمْ بَعْضُكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ

انهن وقتن کان پوءِ، اهي ڦرندڙ آهن اوهان تي هڪ ٻئي وٽ، اهڙي طرح پڌائي ٿو

نڪي انهن تي گناهه آهي، اوهين هڪ ٻئي تي هر هر ڦرندڙ گهرندڙ آهيو. اهڙيءَ طرح

اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٨﴾ وَاِذَا بَلَغَ الْاَطْفَالُ مِنْكُمُ

الله توهان کي آيتون، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جڏهن پهچن ٻار اوهان جا

الله اوهان لاءِ حڪم بيان ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جڏهن اوهان جا ٻار بلوغت کي پهچن،

الْحُلُمَ فَلْيَسْتَاْذِنُوْا كَمَا اسْتَاْذَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذٰلِكَ

جواني کي ته موڪل گهرن جيئن موڪل گهري هئي انهن کان اڳين، اهڙي طرح

تڏهن ڪين اهڙيءَ طرح موڪل وٺڻ گهرجي، جهڙيءَ طرح انهن (ڇوڪرن) جا اڳيان (يعني وڏا)، موڪل وٺندا

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٩﴾ وَالْقَوَاعِدُ مِنَ النِّسَآءِ

بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ پنهنجون آيتون ۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪمت وارو آهي. ۽ اهي پوڙهيون عورتون

آهن. اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجا حڪم بيان فرمائي ٿو، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪي ٻڍيون زائفون

الّٰتِيْ لَا يَرْجُوْنَ نِكَاحًا فَلَيْسَ عَلَيْهِنَّ جُنَاحٌ اَنْ يَّضَعْنَ ثِيَابَهُنَّ

جيڪي نه ٿيون اميد رکن شادي جي ناهي انهن تي ڪو گناهه جو لاهي رکن پنهنجا ڪپڙا

پرڻي جو ڪو آسرو نه رکنديون هجن سي جيڪڏهن سينگار جي ظاهر نه ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجون چادريون نه

غَيْرَ مُتَبَرِّجٰتٍۢ بِزِيْنَةٍ ؕ وَاَنْ يَّسْتَعْفِفْنَ خَيْرٌ لَّهُنَّ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ

نه ظاهر ڪندي پنهنجي سينگار کي، ۽ پرهيز ڪرڻ بهتر آهي انهن لاءِ، ۽ الله ٻڌندڙ

ڍڪين ته مٿن گناهه ڪونهي ۽ جيڪڏهن (ان کان به) بچن ته انهن لاءِ ڀلو آهي. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

عَلِيْمٌ ﴿٦٠﴾ لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا

ڄاڻندڙ آهي. ناهي انڌي تي ڪو حرج ۽ نه منڊي تي ڪو حرج ۽ نه

انڌي تي ڪو حرج نه آهي ۽ نڪي منڊي تي ڪو حرج ۽ نڪي بيمار تي ڪو حرج ۽ نڪي

عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ وَّلَا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَنْ تَاْكُلُوْا مِنْۢ بُيُوْتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ
بيمار تي کو حرج ۽ نه کي توهان تي جو کائو پنهنجن گهرن مان يا پنهنجن
خود اوهان (ماڻهن) تي (کو حرج) آهي. جي اوهين پنهنجن گهرن (مان) يا پنهنجن پيئن جي گهرن

اٰبَآئِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اُمَّهٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اِخْوَانِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَخَوٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ
پيئن جي گهرن مان يا پنهنجي مائن جي گهرن يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن يا پنهنجي ڀينرن جي گهرن يا پنهنجي
يا پنهنجين مائرن جي گهرن يا پنهنجن ڀائرن جي گهرن يا پنهنجين ڀينرن جي گهرن يا پنهنجن چاچن جي گهرن

اَعْمَامِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ عَمّٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَخْوَالِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ خٰلٰتِكُمْ اَوْ مَا
چاچن جي گهرن يا پنهنجين ڦپين جي گهرن يا پنهنجن مامن جي گهرن يا پنهنجين ماسين جي گهرن مان يا
يا پنهنجين ڦپين جي گهرن يا پنهنجن مامن جي گهرن يا پنهنجين ماسين جي گهرن يا

مَلَكْتُمْ مَّفَاتِحَهٗٓ اَوْ صَدِيْقِكُمْ ؕ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَاْكُلُوْا جَمِيْعًا
جنهن جي ڪنجين جا مالڪ آهيو يا پنهنجن دوستن وٽان، ناهي توهان تي گناهه جو کائو گڏجي
جن (گهرن) جون ڪنجيون اوهان جي هٿ آهن. يا پنهنجن دوستن جي گهرن مان کائو. گڏجي (کائڻ) يا ڌار ڌار

اَوْ اَشْتَاتًا ؕ فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتًا فَسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ تَحِيَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ
يا جدا جدا، پوءِ جڏهن وڃو ڪنهن گهر ۾ ته سلام چئو پاڻ ۾ دعا الله جي طرفان
تي کائڻ ۾ اوهان تي ڪو گناهه ڪونهي، پوءِ جڏهن گهرن ۾ گهڙو تڏهن پنهنجن ماڻهن تي سلام ڏيو جو (اها)

مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٦١﴾ ع ١٤
برڪت واري ڀلي، اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ آيتون جيئن توهان سمجهو.
الله وٽان برڪت واري ڀلي دعا آهي. اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ حڪم بيان ڪندو آهي ته مَن اوهين سمجهو.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاِذَا كَانُوْا مَعَهٗ
رڳو ايمان وارا اهي آهن جن يقين ڪيو الله ۽ سندس رسول تي ۽ جڏهن هوندا آهن ان سان گڏ
مؤمن رڳو اهي آهن، جن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آندو آهي ۽ جڏهن گڏ ٿي ڪرڻ واري ڪنهن ڪم ۾ ساڻس هوندا آهن

عَلٰٓى اَمْرٍ جَامِعٍ لَّمْ يَذْهَبُوْا حَتّٰى يَسْتَاْذِنُوْهُ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ
ڪنهن گڏيل ڪم ۾ ته هليا نه ويندا آهن جيسين موڪلون نه انهيءَ کان، بيشڪ جيڪي ماڻهو اجازت گهرن ٿا توکان
(تڏهن) ايسين ڪيڏي نه ويندا آهن. جيسين ڪانئس موڪل (نه) وٺندا آهن. بيشڪ (اي پيغمبر!) جيڪي

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ فَاِذَا اسْتَاْذَنُوْكَ لِبَعْضِ
اهي ئي آهن جو ايمان رکن ٿا الله ۽ سندس رسول تي، پوءِ جڏهن موڪل گهرن توکان پنهنجي ڪنهن
توکان موڪلائيندا آهن، سي اهي آهن جي الله ۽ سندس پيغمبر کي مڃيندا آهن. پوءِ جڏهن پنهنجن ڪن ڪمن لاءِ

شَاْنِهِمْ فَاْذَنْ لِّمَنْ شِئْتَ مِنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ڪم لاءِ تہ اجازت ڏي جنهن لاءِ گهرين انهن مان ۽ معافي گهر انهن لاءِ الله کان، بيشڪ الله

توکان موڪلائين تہ انهن مان جنهن لاءِ گهرين تنهن کي موڪل ڏي ۽ انهن لاءِ الله کان بخشش گهر ڇو تہ الله

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٢﴾ لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ

بخشيندڙ مهربان آهي. نہ ڪريو سڏڻ رسول جو پاڻ ۾ جيئن سڏ ڪرڻ توهان جو هڪ ٻئي کي،

بخشڻهار مهربان آهي. اوهين پيغمبر کي سڏڻ اهڙيءَ طرح نہ ڀانيو جهڙيءَ طرح اوهان جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڏڻ آهي.

قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ يَتَسَلَّلُوْنَ مِنْكُمْ لِوَاذًا ۚ فَلْيَحْذَرِ الَّذِيْنَ يُخَالِفُوْنَ

خوب سڃاڻي ٿو الله انهن کي جيڪي کسڪي وڃن ٿا توهان کان ٻئي جي آڙ ۾، پوءِ ڊڄڻ گهرجي انهن کي جيڪي مخالفت ڪن ٿا

بيشڪ الله انهن کي ڄاڻندو آهي، جيڪي اوهان مان ٻئي جي اوٽ ڪري کسڪي ويندا آهن، پوءِ جيڪي سندس حڪم

عَنْ اَمْرِهٖٓ اَنْ تُصِيْبَهُمْ فِتْنَةٌ اَوْ يُصِيْبَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ

ان جي حڪم جي متان پهچي انهن کي نقصان يا پهچي انهن کي عذاب دردناڪ. خبردار بيشڪ الله لاءِ آهي

جي ابتڙ هلندا آهن، تن کي پاڻ تي آفت پهچڻ کان يا پاڻ تي ڪنهن ڏکوئيندڙ عذاب پهچڻ کان ڊڄڻ گهرجي. خبردار!

مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قَدْ يَعْلَمُ مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ ؕ وَيَوْمَ يُرْجَعُوْنَ

جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، اهو ڄاڻي ٿو جنهن تي توهان آهيو، ۽ جنهن ڏينهن موٽايا ويندؤ

جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، سو بيشڪ الله جو آهي، جنهن (حال) تي اوهين آهيو تنهن کي بيشڪ الله ڄاڻندو آهي ۽ جنهن

اِلَيْهِ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٦٤﴾ ع ١٥

انهي ڏانهن پوءِ خبر ڏيندو انهن کي جيڪي عمل ڪيائون، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

ڏينهن ڏانهس موٽايا ويندا (تنهن ڏينهن) جيڪي (عمل) ڪيائون تنهن جي کين سڌ ڏيندو، ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

سُوْرَةُ الْفُرْقَانِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٧٧ رُكُوْعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

تَبٰرَكَ الَّذِىْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرَا ۙ ﴿١﴾

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن لاٿو قرآن کي پنهنجي ٻانهي تي جيئن ٿئي جهان وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ.

اهو (الله) وڏو برڪت وارو آهي، جنهن پنهنجي ٻانهي تي (حق باطل جو) فرق ڪندڙ (قرآن هن لاءِ) نازل ڪيو تہ جهان وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ هجي.

الَّذِىْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ

اهو جنهن لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ نہ ورتائين اولاد ۽ ناهي

(اهو آهي) جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ (پاڻ لاءِ) نڪو اولاد ورتائين ۽ نڪي بادشاهيءَ ۾

لَهٗ شَرِيْكٌ فِى الْمُلْكِ وَخَلَقَ كُلَّ شَىْءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ﴿٢﴾

ان جو كوئي ڀائيوار حڪومت ۾ ۽ پيدا ڪيائين هر شيء کي پوءِ پورو ڪيائين ان جو انداز.

ساڻس ڪو شريڪ آهي ۽ سڀ ڪنهن شيءِ کي بڻايائين، پوءِ اُن جو اندازو پوريءَ طرح ٺهرايائين.

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً لَّا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ وَ

۽ ورتائون انهي کان سواءِ ٻيا خدا جي نه ٿا پيدا ڪن ڪا شيء ۽ اهي پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽

۽ (ڪافرن) الله کان سواءِ اُهي معبود ورتا آهن، جو ڪجهه بڻائي نه سگهندا آهن ۽ اُهي پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽

لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا وَّلَا يَمْلِكُوْنَ مَوْتًا وَّلَا حَيٰوةً

نه آهن مالڪ پنهنجي سر جي نقصان ۽ نڪي نفعي جا ۽ نه آهن مالڪ موت جا ۽ نه حياتي جا

پاڻ لاءِ نڪي ڏک ۽ نڪي سک جو اختيار اٿن ۽ نڪي موت ۽ نڪي حياتيءَ

وَّلَا نُشُوْرًا ﴿٣﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اِفْكُ ِۨافْتَرٰىهُ

۽ نه وري اٿڻ جا. ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو ناهي اهو مگر ڪوڙ جنهن کي ٺاهيو اٿس

۽ نڪي وري جيئري ٿيڻ جو اختيار اٿن. ۽ ڪافر چوندا آهن ته هيءُ (قرآن) رڳو ڪوڙو قصو آهي، (جو) اُهو پاڻ ٺاهيو اٿس

وَاَعَانَهٗ عَلَيْهِ قَوْمٌ اٰخَرُوْنَ ۛۚ فَقَدْ جَآءُوْ ظُلْمًا وَّزُوْرًا ﴿٤﴾ وَ

۽ ساٿ ڏنو آهي ان سان انهي تي ٻين ماڻهن، سو اهي آيا آهن ظلم تي ۽ ڪوڙ تي. ۽

۽ ان (جي ٺاهڻ) تي ٻي قوم به ڪيس مدد ڏني آهي، (اهڙي چوڻ سان) بيشڪ اُنهن ظلم ۽ ڪوڙ (ڪم ۾) آندو آهي. ۽

قَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ اكْتَتَبَهَا فَهِىَ تُمْلٰى عَلَيْهِ بُكْرَةً وَّ

چيائون، آکاڻيون اڳين جون آهن جنکي لکايو اٿس پوءِ اهي پڙهيون وڃن ٿيون ان تي صبح ۽

چيائون ته (هي قرآن) اڳين جا قصا آهن، جو اُهي لکايا اٿس، پوءِ اهي مٿس صبح ۽ سانجهيءَ پڙهبا آهن.

اَصِيْلًا ﴿٥﴾ قُلْ اَنْزَلَهُ الَّذِىْ يَعْلَمُ السِّرَّ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

شام. چؤ نازل ڪيو انکي انهيءَ جيڪو ڄاڻي ٿو ڳجهه کي آسمانن ۽ زمين ۾.

(اي پيغمبر! کين) چئو ته، اُهو (قرآن) اُنهيءَ (الله) نازل ڪيو آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه ڄاڻندو آهي.

اِنَّهٗ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٦﴾ وَقَالُوْا مَالِ هٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ

بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي. ۽ چيائون ڇا ٿيو آهي هن رسول کي جو کائي ٿو

بيشڪ اُهو بخشڻهار مهربان آهي. ۽ (ڪافر) چون ٿا ته، هن پيغمبر کي ڇا (ٿيو) آهي، جو کاڌو کائيندو آهي

الطَّعَامَ وَيَمْشِىْ فِى الْاَسْوَاقِ ؕ لَوْلَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَلَكٌ فَيَكُوْنَ

کاڌو ۽ گهمي ٿو بازارين ۾، ڇو نه موڪليو ويو انهيءَ ڏي مَلڪ ته هجي ها

۽ بازارين ۾ گهمندو آهي، ڏانهس ملائڪ ڇو نه نازل ڪيو ويو آهي؟ ته اهو ساڻس (گڏ) ڊيڄاريندڙ

مَعَهٗ نَذِيْرًا ﴿٧﴾ اَوْ يُلْقٰٓى اِلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ تَكُوْنُ لَهٗ جَنَّةٌ يَّاْكُلُ مِنْهَا ؕ وَ
ان سان گڏ ڊيڄاريندڙ. يا اڇليو وڃي ها انهي ڏانهن خزانو يا هجي ها ان کي باغ جو کائي ها انهي مان. ۽
هجي. يا ڏانهس (آسمان کان) خزانو ڇو نہ اڇليو ويو؟ يا ان کي کو باغ ڇو نہ آهي؟ جو منجهانئس کائي، ۽

قَالَ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿٨﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا
چيو ظالمن، نہ ٿا پيروي ڪريو مگر هڪ ماڻهو جادو ڪيل جي. ڏس تہ ڪيئن بيان ڪيائون
ظالم چوندا آهن تہ، اوهين رڳو جادو ڪيل ماڻهو جي تابعداري ڪندا آهيو. (اي پيغمبر!) ڏس تہ تو لاءِ ڪهڙيءَ

لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٩﴾ تَبٰرَكَ الَّذِيْٓ اِنْ
تو لاءِ مثال پوءِ گمراهہ ٿيا پوءِ نہ ٿا لهي سگهن رستو. وڏي برڪت وارو آهي اهو جيڪڏهن
طرح جون ڳالهيون ڪندا آهن. پوءِ (اهي) گمراهہ ٿيا ۽ (هاڻي) ڪا واٽ لهي نہ ٿا سگهن. اهو (الله) وڏو برڪت وارو آهي،

شَآءَ جَعَلَ لَكَ خَيْرًا مِّنْ ذٰلِكَ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ
گهري تہ ڪري تولاءِ بهتر انکان باغ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون
جيڪڏهن گهري تہ (دنيا ۾) تولاءِ هن (چيل) کان ڀلا باغ جن جي هيٺان واهيون پيون وهن، سي توکي ڏئي

وَيَجْعَلْ لَّكَ قُصُوْرًا ﴿١٠﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِالسَّاعَةِ ۣ وَاَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ
۽ ڪري تولاءِ ماڙيون. پر انهن ڪوڙو ڪيو آخرت کي ۽ اسان تيار ڪئي ان لاءِ جنهن ڪوڙو ڪيو
۽ توکي وڏيون ماڙيون (بہ) ڏئي. بلک قيامت کي ڪوڙ ڀانيو اٿن ۽ جنهن قيامت کي ڪوڙو ڀانيو تنهن لاءِ

بِالسَّاعَةِ سَعِيْرًا ﴿١١﴾ اِذَا رَاَتْهُمْ مِّنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ سَمِعُوْا لَهَا تَغَيُّظًا
آخرت کي باهہ. جڏهن اها ڏسندي انهنکي پري کان تہ ٻڌندا ان جو جوش
دوزخ تيار ڪيو اٿئون. جڏهن (دوزخ) انهن کي ڏورانهين هنڌ کان ڏسندو (تڏهن) اُن جون ڪاوڙ جون هڪلون

وَّزَفِيْرًا ﴿١٢﴾ وَاِذَآ اُلْقُوْا مِنْهَا مَكَانًا ضَيِّقًا مُّقَرَّنِيْنَ دَعَوْا هُنَالِكَ ثُبُوْرًا ﴿١٣﴾
۽ ڦوڪارو. ۽ جڏهن اڇليا ويندا ان جي سوڙهي جاءِ ۾ جڪڙي تہ پڪاريندا اتي موت کي.
۽ گجڪار ٻڌندا. ۽ جڏهن اتان هٿ پير جڪڙيل، سوڙهي هنڌ سٽيا ويندا (تڏهن) اتي (پاڻ لاءِ) هلاڪت کي سڏيندا.

لَا تَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُوْرًا وَّاحِدًا وَّادْعُوْا ثُبُوْرًا كَثِيْرًا ﴿١٤﴾ قُلْ اَذٰلِكَ خَيْرٌ
نہ سڏيو اڄ موت هڪڙي کي پر سڏيو موتن گهڻن کي. تون چئو ڀلا اهو چڱو آهي
(چيو ويندن تہ) اڄ اوهين هڪ هلاڪت کي نہ پڪاريو پر گهڻين هلاڪتن کي پڪاريو. (اي پيغمبر!) ڪين چئو تہ، اِهو

اَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ كَانَتْ لَهُمْ جَزَآءً وَّمَصِيْرًا ﴿١٥﴾
يا بهشت هميشہ رهڻ لاءِ جنهنجو وعدو ڏنل آهي پرهيزگارن سان، اهو آهي انهن جو بدلو ۽ جاءِ موٽڻ جي.
ڀلو آهي يا اهو هميشہ وارو بهشت جنهن جو پرهيزگارن کي انجام ڏنو ويو آهي؟ جو اُنهن لاءِ بدلو ۽ موٽڻ جو هنڌ هوندو.

لَهُمْ فِيْهَا مَا يَشَاۗءُوْنَ خٰلِدِيْنَ ۭ كَانَ عَلٰي رَبِّكَ وَعْدًا مَّسْـُٔوْلًا ﴿١٦﴾

انھن لاءِ اتي آھي جيڪي گھرندا هميشه رهندي، آھي تنهنجي رب جو اهو انجام پڪو.

جيڪي گھرندا سو انھن لاءِ منجهس سدائين (موجود) هوندو، تنهنجي پالڻھار ڪان (اهو) وعدو گھريل آهي.

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَقُوْلُ ءَاَنْتُمْ

۽ جنھن ڏينھن گڏ ڪندو انھن کي ۽ جنکي پوڄين ٿا الله کان سواءِ پوءِ چوندن ڇا توهان

۽ اُن ڏينھن کين ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن. تن کي الله گڏ ڪندو، پوءِ چوندو ته اوهان

اَضْلَلْتُمْ عِبَادِيْ هٰٓؤُلَاۗءِ اَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِيْلَ ﴿١٧﴾ۭ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ

گمراهه ڪيو هئو منهنجن ٻانهن هنن کي يا اهي پاڻ گمراهه ٿيا هئا رستي کان. چوندا تون پاڪ آهين

هنن منهنجن ٻانهن کي گمراهه ڪيو هو يا اهي پاڻ واٽ کان گمراهه ٿيا هئا؟ چوندا ته. تنهنجي

مَا كَانَ يَنْۢبَغِيْ لَنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ مِنْ دُوْنِكَ مِنْ اَوْلِيَاۗءَ وَلٰكِنْ

ناهي لائق اسان جي لاءِ جو وٺون توکان سواءِ پيارا دوست پر

پاڪائي بيان ٿا ڪريون، توکان سواءِ اسان کي ڪو دوست وٺڻ نه جڳائيندو هو، پر اُنهن کي ۽ سندن

مَّتَّعْتَهُمْ وَاٰبَاۗءَهُمْ حَتّٰى نَسُوا الذِّكْرَ ۚ وَكَانُوْا قَوْمًۢا بُوْرًا ﴿١٨﴾ فَقَدْ

تو سکيو ڪيو انھن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي تانجو وساريائون تنهنجي ياد کي ۽ ٿيا اهي ماڻهو برباد. اجهو هنن

پيُن ڏاڏن کي آسودو ڪيئه تان جو نصيحت وساريائون ۽ هلاڪ ٿيل قوم ٿيا. پوءِ (چونداسون ته اي ڪافرو!) بيشڪ

كَذَّبُوْكُمْ بِمَا تَقُوْلُوْنَ ۙ فَمَا تَسْتَطِيْعُوْنَ صَرْفًا وَّلَا نَصْرًا ۚ وَمَنْ

ڪوڙو ڪيو توهان کي توهان جي ڳالهه ۾ پوءِ نه ٿا سگهو عذاب ٽارڻ ۽ نڪي مدد ڪري، ۽ جيڪو به

جيڪي (ڳالهين هنن معبودن بابت) چيو ٿي، تن ۾ اُنهن اوهان کي ڪوڙو ڪيو پوءِ (اوهين) نڪي عذاب ٽاري سگهو

يَّظْلِمْ مِّنْكُمْ نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِيْرًا ﴿١٩﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ

ظلم ڪندو توهان مان چکائينداسون ان کي عذاب وڏو. ۽ نه موڪلياسون توکان اڳي

ٿا ۽ نڪي مدد وٺي سگهو ٿا، ۽ اوهان مان جنھن ظلم ڪيو هوندو، تنهن کي وڏو عذاب چکائينداسون. ۽ توکان

مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّآ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَيَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ۭ وَ

رسول مگر اهي کائيندا هئا کاڌو ۽ هلندا هئا بازارين ۾ ۽

اڳ پيغمبرن مان جيترا به موڪليا سون سي (به ترئي وانگي) کاڌو کائيندا هئا ۽ بازارين ۾ گهمندا هئا ۽

جَعَلْنَا بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ۭ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿٢٠﴾ ع

ڪيوسون توهان مان هڪڙن کي ٻين لاءِ آزمائش، ڇا صبر ڪيو ٿا؟ ۽ آهي رب تنهنجو ڏسندڙ.

اوهان کي (پاڻ ۾) هڪ ٻئي لاءِ پرک ڪيو اٿئون (ته ڏسون ته) صبر ڪريو ٿا (يا نه)؟ ۽ تنهنجو پالڻهار ڏسندڙ آهي.

